جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 16 | اربع 02 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 19 ربيع الاول 1448هہ | قيمت: 20 | شمارو 321

سنڌ ڪابينا پاران ڪچي جي زمين جي جامع ڊيجيٽل ميپنگ لاءِ 705 ملين رپيا منظور

وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي صدارت هيٺ ڪابينہ جو اجلاس 1.61 ملين ايڪڙ زمين جي شفاف سروي ڪرڻ جي هدايت

ڪٽڪ جي ننڍن آبادگارن لاءِ وڏو پيڪيج: ننڍن هارين لاءِ هدايت ٿيل ڊي اي پي (DAP) سبسڊي جي توثيق، پاسڪو کان 223,455 ميٽرڪ ٽن ڪٽڪ خريد ڪرڻ جي منظوري

وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ ڪابينا جي اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص مددگارن، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ ۽ لاڳاپيل کاتن جي سينئر آفيسرن شرڪت ڪئي

مقامي حڪومتن جا سڌارا وڌيڪ جائزي لاءِ موڪلڻ: ڪابينا سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 2013ع ۾ ترميمن جي هڪ پيڪيج تي بحث ڪيو

جنهن جو مقصد ادارتي ڪارڪردگي، احتساب، چونڊيل ڪائونسلن جي تسلسل ۽ مونسپل سروسز جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ آهي

يونين ڪائونسل ۽ يونين ڪميٽي جي چيئرمينن ۽ وائيس چيئرمينن خلاف عدم اعتماد جي ووٽ لاءِ ٻہ ٽهائي اڪثريت جي شرط کي متعارف ڪرائڻ؛ ۽ ڊپٽي ميئر يا وائيس چيئرمين کي ڪنوينر جو ڪردار ڏيڻ شامل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي صدارت هيٺ صوبائي ڪابينا جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ مقامي حڪومتن جي سڌارن، صوبي اندر اٽڪل 1.61 ملين ايڪڙ ڪچي جي زمين جي 705 ملين رپين جي لاڳت سان جامع سروي ۽ ڊيجيٽل ميپنگ، ڪٽڪ جي ننڍن آبادگارن لاءِ امدادي پيڪيج جي توثيق، اليڪٽرڪ گاڏين (EV) لاءِ ٽيڪس ۽ رجسٽريشن جي مراعتن ۾ 2028 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهہ اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڻي خطي لاءِ "زندگيءَ جو رت" آهي ۽ ان کي ڪڏهن بہ هٿيار طور استعمال نہ ڪيو وڃي: شهباز شريف

هو ڪرغزستان ۾ شنگهائي تعاون تنظيم (SCO) جي سربراهي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو هو. بشڪيڪ ۾ SCO ڪائونسل آف هيڊز آف اسٽيٽ جي اجلاس کي خطاب

مستقل امن کانسواءِ خطو پنهنجي مڪمل صلاحيتن کي استعمال نٿو ڪري سگهي. ڀارت جو سڌيءَ طرح نالو وٺڻ کانسواءِ هن سنڌ طاس معاهدي (IWT) جو مسئلو اجاگر ڪيو

پاڻي اسان جي خطي لاءِ زندگيءَ جو رت آهي. اهو لکين ماڻهن جي زندگين کي برقرار رکي ٿو، اسان جي زمينن کي سيراب ڪري ٿو ۽ اسان جي ايندڙ نسلن جي مستقبل کي محفوظ بڻائي ٿو

پاڻي کي "ڪڏهن بہ هٿيار طور استعمال نہ ڪيو وڃي: ان کي دٻاءُ وجهڻ جي اوزار طور استعمال نٿو ڪري سگهجي ۽ نہ ئي سياسي فائدي يا دٻاءَ لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي

گڏيل پاڻيءَ بابت معاهدا سنجيده ۽ پابند ڪندڙ عالمي ذميواريون آهن. اهي سياسي سهولت مطابق پنهنجي مرضيءَ سان رد ڪرڻ جون شيون ناهن

انهن معاهدن تي لفظن ۽ روح ٻنهي جي لحاظ کان بنا ڪنهن شرط جي عمل ٿيڻ گهرجي وزيراعظم جو خطاب مستقل عدالتِ ثالثي (PCA) جي ان فيصلي کان هڪ ڏينهن پوءِ ٿيو

بشڪيڪ (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ پاڻي خطي لاءِ "زندگيءَ جو رت" آهي ۽ ان کي ڪڏهن بہ هٿيار طور استعمال نہ ڪيو وڃي. هو ڪرغزستان ۾ شنگهائي تعاون تنظيم (SCO) جي سربراهي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو هو بشڪيڪ ۾ SCO ڪائونسل آف هيڊز آف اسٽيٽ جي اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو تہ مستقل امن کانسواءِ خطو پنهنجي مڪمل صلاحي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

استنبول: وزيراعظم شهباز شريف ايس سي او جي اجلاس کي خطاب ڪندي

وزيراعظم شهباز شريف جي شنگهائي تعاون تنظيم مملڪتي سربراهن جي اجلاس ۾ شرڪت

حڪومتي سربراهن جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ وزيراعظم شهباز شريف جو مرڪزي هال پهچڻ تي شاندار استقبال ڪيو ويو

وزيراعظم شهباز شريف شنگهائي تعاون تنظيم قونصل اجلاس ۾ مرڪزي هال پهتو

مرڪزي هال پهچڻ تي ڪرگستان جي صدر وزيراعظم جو استقبال ڪيو وزيراعظم شهباز شريف ۽ ڪرگستان جي صدر پاڻ ۾ هٿ ملايو

بشڪيڪ (م د) بشڪيڪ ۾ شنگهائي تعاون تنظيم جي حڪومتي سربراهن جي اجلاس ۾ شرڪت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

سنڌ جي ورهاڱي ۽ سنڌو ديش جي ڳالهہ ڪندڙن خلاف بہ واضح موقف اختيار ڪرڻو پوندو: ناصر حسين شاهہ

سنڌ جي ورهاڱي خلاف سڀ گڏجي قرارداد منظور ڪن ۽ سنڌ جي ورهاست ۽ سنڌو ديش ٻنهي خلاف واضح موقف اختيار ڪرڻو پوندو

اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ ۽ ڊيووليوشن بابت بہ گڏجي قرارداد آندي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ادارن واري صوبائي وزير ناصر حسين شاهہ چيو آهي تہ سنڌ جي ورهاڱي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

لاهور: پ پ اڳواڻ راجہ پرويز اشرف پريس ڪانفرنس ڪندي

ايران ختم ٿي ويو آهي، آمريڪي صدر ٽرمپ

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ٽرمپ هڪ ڀيرو ٻيهر ايران کي ناڪام رياست قرار ڏيندي چيو تہ ايران /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ تيز برسات، موڪل جو اعلان

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ تيز برسات، جڙيل شهرن ۾ ڪل 160 ملي ميٽر مينهن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

اسلام آباد ۾ برسات تباهي مچائي ڇڏي، روڊ رستا تلاءَ جو ڏيک ڏيڻ لڳا، فوج مقرر

برسات رات 3 لڳي 20 منٽن تي شروع ٿي، جيڪا صبح 8 وڳي تائين جاري رهي

تيز وسڪاري سبب روڊن ۽ مختلف علائقن ۾ گوڏن تائين پاڻي بيهي ويو

اسلام آباد (بيورو) راولپنڊي ۽ اسلام آباد ۾ طوفاني/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

راولپنڊي: نالا لئي تي گوالمنڊي جي چوڌاري فوج طلب

راولپنڊي (م د) راولپنڊي ۽ اسلام آباد ۾ تيز برسات سبب نالا لئي جي سطح خطري جي نشان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

سي ٽي ڊي ۽ حساس اداري جي ڪارروائي هڪ دهشتگرد مارجي ويو 2 فرار

سي ٽي ڊي آپريشن ۽ حساس اداري خداداد ڪالوني ۾ دهشتگرد هجڻ تي اطلاع تي ڇاپو هنيو

جتي ٻہ طرفو فائرنگ ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو ۽ 2 دهشتگرد فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽر) سي ٽي ڊي ۽ حساس اداري جي ڪارروائي ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو 2 فرار ٿي ويا سي ٽي ڊي آپريشن ۽ حساس اداري خداداد /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

اسحاق ڊار ۽ ايراني پرڏيهي وزير جي ملاقات ٻہ طرفو لاڳاپن تي ڳالهيون، مسلسل رابطي جي اهميت جو ورجاءُ

اجلاس کان اڳ گرم جوشي واري ماحول تي مختلف خيالن جي ڏي وٺ تي ٻنهي پرڏيهي وزيرن رابطي جي اهميت جو ورجاءُ ڪيو

جون 2026 جي اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تي تڪرار جي ٻنهين ڌرين پاران مخلصاڻو عمل واحد رستو آهي

بشڪيڪ (م د) نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ ايران ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

پشاور: وزيراعلي بلوچستان سرفراز بگٽي اجلاس جي صدارت ڪندي

دهلي گرلز اسڪول ۾ پڙهائي بحال، بوائز اسڪول هڪ هفتي لاءِ بند

هڪ ڏينهن پڙهائي جو عمل متاثر ٿيڻ کان پوءِ شاگردياڻين جي پڙهائي بحال ٿي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ دهلي گورنمنٽ اسڪول جو گرلز ڪيمپس ٻيهر کوليو ويو آهي جتي هڪ ڏينهن پڙهائي جو عمل متاثر ٿيڻ کان پوءِ شا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

ڪسٽمز هائوس تي حملي ۾ 7 اهلڪار شهيد، 21 دهشتگرد مارجي ويا

31 آگسٽ ۽ پهرين سيپٽمبر جي وچ واري رات بلوچستان ۾ ڪسٽمز هائوس تي حملي جي ڪوشش دوران ٿيل هڪ "منظم حملي" ۾ ٻن آفيسرن سميت 5 سيڪيورٽي اهلڪار ۽ ڪسٽمز کاتي جو هڪ سرڪاري آفيسر شهيد ٿي ويا

فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج سان لاڳاپيل ڀارت جي سرپرستي هيٺ ڪم ڪندڙ 21 دهشتگردن کي سيڪيورٽي فورسز جي اثرائتي جوابي ڪارروائي دوران ماريو ويو

رياست پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان (TTP) لاءِ فتنہ الخوارج جي اصطلاح استعمال ڪري ٿي، بلوچستان ۾ سرگرم گروهن لاءِ فتنہ الهندستان جي اصطلاح استعمال ڪئي وئي

ڪوئيٽا (م د) فوج جي ميڊيا ونگ چيو آهي تہ 31 آگسٽ ۽ پهرين سيپٽمبر جي وچ واري رات بلوچستان ۾ ڪسٽمز هائوس تي حملي جي ڪوشش دوران ٿيل هڪ "منظم حملي" ۾ ٻن آفيسرن سميت 5 سيڪيورٽي اهلڪار ۽ ڪسٽمز کاتي جو هڪ سرڪاري آفيسر شهيد ٿي ويا. اڳاري ڏينهن جاري ڪيل بيان ۾ انٽر سروس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو عمران خان جي گهرڀاتين سان ملاقات ۽ پٽن سان فون تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرائڻ جو حڪم

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اهي درخواستون نصرت پٽو ۽ بيگم شميم آفريدي ڪيسن جي فيصلن جي روشنيءَ ۾ ٻڌڻي لاءِ منظور ڪيون

درخواستن بابت فيصلو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس خادم حسين سومرو ٻڌايو

درخواستن بابت فيصلو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس خادم حسين سومرو ٻڌايو

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي کي جيل ۾ اڪيلائي ۾ رکڻ خلاف درخواستون ٻڌڻي لاءِ منظور ڪري ورتيون آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اهي درخواستون نصرت پٽو ۽ ب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

لوڪل باڊي نظام ۾ بهتري لاءِ ترميمون ڪيون وڃن تہ ڪنهن کي بہ اعتراض نہ هئڻ گهرجي: نثار کهڙو

جيڪڏهن ان ۾ بهتري لاءِ ترميمون ڪيون وڃن تہ ان تي ڪنهن کي بہ اعتراض نہ هجڻ گهرجي

چار صوبن کي گڏ ڪري ون يونٽ ٺاهڻ ۽ اوپر پاڪستان سان برابري قائم ڪرڻ سبب محرومي جو احساس وڌيو

برابري قائم ڪرڻ سبب محرومي جو احساس وڌيو، جنهن جو نتيجو نيٺ اڌ پاڪستان وڃائڻ جي صورت ۾ نڪتو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ نثار احمد کهڙي لوڪل باڊي نظام بابت چيو آهي تہ جيڪڏهن ان ۾ بهتري لاءِ ترميمون ڪيون وڃن تہ ان تي ڪنهن کي بہ اعتراض نہ هجڻ گهرجي. نثار احمد کهڙي حڪومت تي ڪنهن بہ قسم جي دٻاءَ جي ترديد ڪندي چيو تہ ون يونٽ پاڪستان جي تباهي جو سبب بڻيو هن چيو تہ چار صوبن کي گڏ ڪري ون يونٽ ٺاهڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

نيپال ۾ ٻوڏ جون تباهيون، فوتين جو انگ 1000 کان ٽپي ويو، هزارين ماڻهو گم

3900 کان وڌيڪ ماڻهو گم آهن، جن ۾ 600 کان وڌيڪ اهڙا پورهيت پڻ شامل آهن

جن جي ترشولي درياهہ جي ڪناري پن بجلي منصوبن لاءِ تاهيل مٽيءَ سان ڀريل سرنگن جي وڏي نيٽ ورڪ ۾ ڦاٿل هئڻ جو خدشو آهي

انجنيئر سرنگن اندر هوا پهچائڻ لاءِ پمپس استعمال ڪري رهيا آهن. هڪ امدادي ٽيم ٽنل ۾ داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي

پن بجلي منصوبن جي سائيٽن تان 279 ماڻهن کي محفوظ طريقي سان ڪڍيو ويو آهي

ڪٽمنڊو (م د) نيپال ۾ تبت جي سرحد ويجهو آيل تباهي مچائيندڙ ٻوڏ سبب فوتين جو انگ 1000 کان ٽپي ويو آهي، جڏهن تہ هزارين ماڻهو اڃا تائين لاپتا آهن. نيپال جي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اداري موجب، 3900 کان وڌيڪ ماڻهو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

لاهور هاءِ ڪورٽ ننڍي عمر جي شادي بابت فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ ننڍي عمر جي شادي بابت فيصلو جاري ڪري ڇڏيو آهي. جسٽس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

پي ٽي آءِ باني سان ڊيل لاءِ هڪ رٽائرڊ شخصيت اهم ڪردار ادا ڪيو: رميش ڪمار جي دعوي

لاهور (م د) پاڪستان پ پ جي قومي اسيمبلي ميمبر رميش ڪمار دعوي ڪئي آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

لاهور: وزيراعلي پنجاب مريم نواز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

مهراڻ ٽائون جي غريبن جا گهر ڊاهڻ خلاف ڪراچي پريس ڪلب تي لينڊ گريبر عبدالڪريم نيازي خلاف احتجاج

ڪراچي (رپورٽر) مهراڻ ٽائون ڪورنگي جي رهواسين پنهنجي گهرن جي مبينا تحفظ، قبضہ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

هنگو، ٻن گروپن جي وچ ۾ فائرنگ، 3 ماڻهو مارجي ويا

هي واقعو هنگو جي ٽل علائقي ۾ پيش آيو، جتي ٻن گروپن جي وچ ۾ فائرنگ سبب 3 قيمتي جانيون ضايع ٿيون

فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ شخص زخمي ٿيو ۽ ڪيس فوري طور تي طبي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو

هنگو (م د) هنگو ۾ ٻن گروپن جي وچ ۾ فائرنگ ۾ 3 ماڻهو مارجي ويا. ڊي پي او موجب، هي واقعو هنگو جي ٽل علائقي ۾ پيش آيو، جت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڊجيٽل نيشن پاڪستان جي ويزن تي عمل پيرا آهي : وفاقي وزير شزا فاطمہ

آهي موجوده دور ۾ ڊجيٽل ڪنيڪٽوٽي اٽر اهميت اختيار ڪري چڪي آهي

وفاقي وزير شزا فاطمہ رياض ۾ ليپ 5 جي 2026 جي افتتاحي تقريب ۾ شرڪت

پاڪستان ۾ سلامتي سميت ٻين شعبن ۾ ٽيڪنالاجي کي هٿي ڏني پئي وڃي

رياض (م د) وفاقي وزير شزا فاطمہ چيو آهي تہ پاڪستان ڊجيٽل نيشن وي ويزن تي عمل پيرا آهي موجوده دور ۾ ڊجيٽل ڪنيڪٽوٽي اٽر اهميت اختيار ڪري چڪي آهي وفاقي وزير شزا فاطمہ رياض ۾ ليپ 5 جي 2026 جي افتتاحي تقريب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

لاهور: پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهہ محمود قريشي جو پٽ پريس ڪانفرنس ڪندي

صدر آصف علي زرداري لنڊن پهچي ويو ٻن هفتن تائين ترسندو

برطانيہ ۾ قيام دوران صدر زرداري مختلف ميڊيڪل چيڪ اپ بہ ڪرائيندو

صدر زرداري سان سليم مانڊوي والا ۽ ان جو ذاتي ڊاڪٽر عاصم حسين بہ آيل آهي

لنڊن (م د) صدر زرداري لنڊن پهچي ويو ذريعن موجب صدر زرداري برطانيہ ۾ ٻہ هفتا رهندو برطانيہ ۾ قيام دوران صدر زرداري مختلف ميڊيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

سنڌ جو پٽ هجڻ تي فخر آهي، مضبوط سنڌ ڏسڻ چاهيان ٿو: باسط علي ڪراچي صوبي جي مخالفت ڪري ڇڏي

ايم ڪيو ايم جي ايم پي اي باسط علي ڪراچي کي الڳ صوبو بڻائڻ جي مخالفت

سنڌ ٽوڙڻ ۽ نفرت واري ڳالهہ ختم ٿيڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم جي ايم پي اي باسط علي ڪراچي کي الڳ صوبو بڻائڻ جي مخالفت ڪندي چيو آهي تہ سنڌ ٽوڙڻ ۽ نفرت واري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

"روسي فوج لاءِ وڙهندڙ 51 ڀارتي شهري مارجي ويا"

جيڪي روسي فوج ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن

ڀارت ۽ روس وچ ۾ مختلف سطحن تي ڪيترائي ڀيرا بحث هيٺ اچي چڪو آهي

نئين دهلي (م د) ڀارتي پرڏيهي سيڪريٽري وڪرم مصري چيو آهي تہ روس لاءِ وڙهندڙ 51 ڀارتي شهري مارجي چڪا آهن. پرڏيهي ميڊيا رپورٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

آمريڪا واعدا پاڙي تہ ايران بہ اڳڀرائي لاءِ تيار آهي: پزشڪيان

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ طئي ٿيل اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تي آمريڪي صدر جا صحيحا موجود هئا

پر ان دستاويز سان آمريڪا جي وابستگي ٻن هفتن کان بہ گهٽ عرصي تائين برقرار رهي

تهران (م د) ايراني صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي تہ جيڪڏهن آمريڪا اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تحت پنهنجون ذميواريون نڀائڻ طرف واپس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

عمران خان جي گهرڀاتين سان ملاقات ۽ پٽن سان فون تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرائڻ جو حڪم

هاءِ ڪورٽ اڊيالا جيل جي سپرنٽينڊنٽ کي هدايت ڪئي تہ بشريٰ بي بي کي پڻ اڪيلائي ۾ نہ رکيو وڃي

عدالت جيل اختيارين کان 15 ڏينهن اندر حڪمن تي عملدرآمد بابت رپورٽ طلب ڪري ورتي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي کي جيل ۾ اڪيلائي ۾ رکڻ خلاف درخوا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: جامعہ ڪراچي ۾ شهري دفاع سيفٽي ٽريننگ جي موقعي تي شاگردن جو نڪتل گروپ فوٽو

خراب حڪمراني يا ڪرپشن کي جواز بڻائي سنڌ ورهائڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي: سعديہ جاويد

لوڪل گورنمينٽ سسٽم ۾ ضرورت موجب ترميمون ڪرڻ ۾ ڪو بہ حرج ناهي

پر خراب حڪمراني يا ڪرپشن کي جواز بڻائي صوبي جي ورهاست جي اجازت نہ ڏني ويندي

ٻروچ آهيان پر منهنجو مرڻ جيئڻ سنڌ سان آهي." ٻئي پاسي اسيمبلي اجلاس ۾ خطاب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي ۾ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت رٿ تي اڄ ٻئي ڏينهن بہ بحث جاري آهي. سنڌ اسيمبلي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديہ جاويد چيو تہ لوڪل گورنمينٽ سسٽم ۾ ضرور/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

صوبن کي انتظامي يونٽ چوڻ ائين آهي جيئن ڪالاباغ جو نالو انڊس ڊيم رکڻ: اياز لطيف پليجو

صوبن کي انتظامي يونٽ چوڻ ائين آهي، جيئن ڪالاباغ جو نالو انڊس ڊيم رکڻ

رشوت کي خرچو، ڀتي کي منٿلي ۽ لڄالت کي زيادتي سڏڻ جهڙيون سازشون بند ڪيو

لڄالت کي زيادتي سڏڻ جهڙيون سازشون بند ڪيو، سنڌين کي جاهل نہ سمجهو، اوهان کي سڃاڻن ٿا

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجي سنڌ ۾ نوان انتظامي يونٽ ٺاهڻ واري معاملي تي ردعمل ڏيندي چيو آهي تہ صوبن کي انتظامي يونٽ چوڻ ائين آهي، جيئن ڪالاباغ جو نالو انڊس ڊيم رکڻ. سوشل ميڊيا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

سنڌ ناقابلِ تقسيم وطن آهي"، نواز خان ڪراچي کي 12 ضلعن ۽ 3 ڊويزنن ۾ ورهائڻ واري قادر مگسي جي تجويز رد ڪري ڇڏي

سنڌ جي وحدت سان لاڳاپيل معاملن تي تمام گهڻي ذميواري ۽ سياسي بصيرت سان ڳالهائڻ جي ضرورت آهي: نواز خان زئور

ڪراچي کي 12 ضلعن ۽ 3 ڊويزنن ۾ ورهائڻ جي تجويز سنڌ جي اندروني ورهاڱي چاهيندڙ بالادست قوتن جي جوازن جو ورجاءُ آهي

سنڌ جو مقابلو لنڊن، استنبول يا دبئي سان نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ تہ اتان جا اختيار پنهنجن قومن وٽ آهن

ڪراچي کي گهڻين ڊويزنن ۾ ورهائڻ جو جواز الڳ صوبي يا سڌي وفاقي ڪنٽرول لاءِ سنڌ دشمن قوتن کي فائدو ڏيندو

حيدرآباد (رپورٽر) جيئي سنڌ قومي پارٽي (جسقپ) جي چيئرمين نواز خان زئور، سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) جي سربراهہ ڊاڪٽر قادر مگسي جي ڪراچي بابت ڏنل تجويز تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي ان کي سنڌ جي ورهاڱ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ايس سي او سربراهي اجلاس، ايراني صدر پنهنجي تقرير ۾ پاڪستان جي امن لاءِ ڪاوشن کي ساراهيو

بشڪيڪ (م د) ايراني صدر مسعود پزشڪيان امن لاءِ پاڪستان جي ڪاوشن کي ساره/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

سنڌ طاس معاهدي تي عالمي ثالثي عدالت جو فيصلو پاڪستان جي موقف جي فتح آهي: سرفراز بگٽي

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي چيو تہ انصاف غالب اچي ويو عالمي ثالثي عدالت جو فيصلو پاڪستان جي ف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

لاهور: عورت اڳواڻ پنجاب اسيمبلي ۾ اچي رهي آهي

پاڪستان ۾ آبادي وڌڻ سان گڏ نوان صوبا ٺهڻ اٽل آهي : ايم ڪيو ايم پاڪستان

ملڪ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ انتظامي بنيادن تي وڌيڪ صوبو ۽ ٽيون بلدياتي نظام قائم ڪرڻو پوندو

هن معاملي تي رڳو شور قرار ڏيڻ درست ناهي آبادي وڌڻ سان انتظامي يونٽن ۾ بہ اضافو ٿيڻ گهرجي

ڊيلس (م د) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي چيئرمين خالد مقبول صديقي چيو آهي تہ پاڪستان ۾ آبادي وڌڻ سان نوان صوبا ٺاهڻ اٽل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

پائلر پاران مزدورن ۽ ميڊيا جي لاڳاپن بابت ڪراچي پريس ڪلب ۾ هڪ سيمينار منعقد

ڪراچي (رپورٽر) پائلر جي اهتمام هيٺ مزدورن ۽ ميڊيا جي لاڳاپن، مزدورن جي مسئلن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 21 دهشتگرد مارجي ويا

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ٻن آفيسرن ۽ ڪسٽم جي هڪ سرڪاري اهلڪار سميت 6 بهادر اهلڪار شهيد ٿي ويا

31 آگسٽ ۽ پهرين سيپٽمبر جي وچ واري رات نوڪچا، ضلع چاغي ۽ زيارت ڪراس، ضلع پشين ۾ دهشتگردن جي خلاف موثر ڪارروايون ڪيون ويون

اين-40 ڪوئٽہ تفتان شاهراهہ تي مسافرن جي پرامن اچ وڃ ۾ رنڊڪ وجهڻ لاءِ ڀتہ خوري جي حوالي سان غيرقانوني ناڪو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

راولپنڊي (م د) سيڪيورٽي فورسز جي بلوچستان جي ضلعي چاغي ۽ پشين ۾ مختلف ڪارروائين جي دوران ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 21 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن تہ فائرنگ جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
اربع 02 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 19 ربيع الاول 1448ھ

گڏيل دفاع، گڏيل ذميواري

استنبول ۾ مڪي گڏيل دفاعي معاهدي تحت پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي جي پهرين اسٽريٽجڪ سياسي ۽ دفاعي ڪميٽي جو اجلاس رڳو ٽن ملڪن جي دفاعي سهڪار کي اڳتي وڌائڻ وارو معمولي اجلاس ناهي، پر بدلجندڙ عالمي ۽ علائقائي حالتن ۾ هڪ اهم اسٽريٽجڪ اڳڀرائي آهي. هن اجلاس ۾ پاڪستان کي مڪي دفاعي معاهدي جي نئين قائم ٿيندڙ تنظيم جو پهريون سربراهه مقرر ڪرڻ ۽ سعودي عرب ۾ سيڪريٽريٽ قائم ڪرڻ جو فيصلو پاڪستان جي دفاعي صلاحيتن ۽ سفارتي حيثيت لاءِ اهم پيش رفت طور ڏسي سگهجي ٿو.

مڪي گڏيل دفاعي معاهدي جو بنيادي تصور اهو آهي ته ٽنهي ملڪن جي سلامتي کي هڪ ٻئي کان الڳ نه سمجهيو وڃي. جيڪڏهن ڪنهن هڪ ملڪ جي سلامتي کي خطرو پيدا ٿئي ٿو ته ان جا اثر ٻين ميمبر ملڪن تائين به پهچي سگهن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ گڏيل دفاع، گڏيل حڪمت عملي ۽ گڏيل تياري وقت جي اهم ضرورت بڻجي وڃي ٿي. پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي ٽنهي ملڪن وٽ پنهنجي پنهنجي نوعيت جون دفاعي، معاشي، سفارتي ۽ انساني صلاحيتون موجود آهن. جن کي گڏ ڪري هڪ منظم ۽ اثرائتو سهڪار وارو نظام جوڙڻ سان خطي جي سلامتي ۾ نئون توازن پيدا ٿي سگهي ٿو.

پاڪستان لاءِ هن معاهدي جي ادارياتي اڳواڻي خاص اهميت رکي ٿي. ٽن سالن لاءِ پاڪستان مان سيڪريٽري جنرل جي مقرري رڳو هڪ عهدو نه پر ذميواري پڻ آهي. پاڪستان کي هاڻي اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته هو پنهنجي دفاعي تجربي، سفارتي صلاحيت ۽ علائقائي معاملن جي ڄاڻ کي استعمال ڪندي ٽنهي ملڪن جي وچ ۾ موثر هم آهنگي پيدا ڪري سگهي ٿو. تنظيم جي پهرين سربراهه طور پاڪستان جي ڪردار مان اميد رکڻ فطري آهي ته هو دفاعي سهڪار کي صرف ڪاغذن تائين محدود رکڻ بدران ان کي عملي ۽ مستقل ادارن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ اڳواڻي ڪندو.

دفاعي صنعت ۾ گڏيل پيداوار، تحقيق، ٽيڪنالاجي جي ترقي ۽ هٿيارن جي تياري ۾ تعاون به هن معاهدي جو انتهائي اهم پاسو آهي. موجوده دور ۾ جنگين جو رخ رڳو روايتي هٿيارن تائين محدود ناهي رهيو. پر جديد ٽيڪنالاجي، مصنوعي ذهانت، سائبر سلامتي، ڊرونز، ميزائل نظام، نگراني ۽ مواصلاتي نظام دفاعي طاقت جا بنيادي جزا بڻجي چڪا آهن. پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي جيڪڏهن انهن شعبن ۾ گڏيل تحقيق ۽ پيداوار جو مضبوط نظام قائم ڪن ٿا ته ٽنهي ملڪن جي دفاعي خودمختياري وڌي سگهي ٿي ۽ ٻاهرين انحصار گهٽجي سگهي ٿو.

هن سهڪار جو هڪ اهم پاسو دهشتگردي خلاف گڏيل ڪوششون پڻ آهن. پاڪستان ڊگهي عرصي کان دهشتگردي جو مقابلو ڪندو رهيو آهي. جڏهن ته وچ اوڀر ۽ ڀرپاسي جا علائقا پڻ مختلف سلامتي جي خطرن کي منهن ڏئي رهيا آهن. ٽنهي ملڪن وچ ۾ انٽيليجنس سهڪار، سرحدي سلامتي، دهشتگردي جي مالي وسيلن جي روڪٿام ۽ انتهاپسندي خلاف گڏيل حڪمت عملي خطي لاءِ مثبت نتيجا ڏئي سگهي ٿي. پر ان سلسلي ۾ ضروري آهي ته دهشتگردي خلاف پاليسي واضح، قانوني ۽ گڏيل معيارن تي ٻڌل هجي.

مڪي معاهدي جو هڪ ٻيو اهم پاسو اهو آهي ته ان جو مقصد رڳو جنگي تياري نه پر امن، استحڪام ۽ بحرانن جي پرامن حل کي هٿي ڏيڻ پڻ قرار ڏنو ويو آهي. هي توازن انتهائي ضروري آهي. مضبوط دفاع جو مطلب لازمي طور تي جنگ جي خواهش نه هوندو آهي: مضبوط دفاع جو اصل مقصد ڪنهن به ممڪن جارحيت کي روڪڻ ۽ ڳالهين ذريعي مسئلن جي حل لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ به ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ٽنهي ملڪن جي گڏيل دفاعي قوت سان گڏ سفارتي ڪوششون به مضبوط ٿين ٿيون ته هي معاهدو علائقائي امن لاءِ وڌيڪ ڪارائتو ثابت ٿي سگهي ٿو.

سعودي عرب ۾ سيڪريٽريٽ قائم ٿيڻ ۽ پاڪستان مان پهرين سيڪريٽري جنرل جي مقرري سان هن معاهدي کي مستقل ادارتي شڪل ڏيڻ جي شروعات ٿي رهي آهي. ڪنهن به دفاعي اتحاد جي ڪاميابي جو دارومدار صرف اعلانن تي نه پر ان جي ادارن، واضح ضابطن، مالي وسيلن، گڏيل مشقن، حڪمت عملي ۽ فيصلا سازي جي طريقيڪار تي هوندو آهي. ان ڪري ايندڙ مرحلي ۾ ٽنهي ملڪن کي واضح ڪرڻو پوندو ته تنظيم جا اختيار ڪهڙا هوندا. گڏيل دفاع جي ذميواري ڪهڙي طريقي سان لاڳو ٿيندي ۽ ڪنهن بحران جي صورت ۾ فيصلو ڪير ۽ ڪهڙي طريقي سان ڪندو.

پاڪستان لاءِ هن نئين ذميواري سان گڏ ڪجهه وڏا چئلينج پڻ موجود آهن. پاڪستان کي هڪ طرف سعودي عرب ۽ ترڪي سان دفاعي ۽ سفارتي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط رکڻو پوندو، ته ٻئي طرف خطي جي ٻين ملڪن سان پنهنجي لاڳاپن ۾ توازن برقرار رکڻو پوندو. دفاعي اتحاد کي ڪنهن به ملڪ خلاف محاذ آرائي جو ذريعو بڻائڻ بدران امن، دفاع ۽ علائقائي استحڪام جو وسيلو بڻائڻ ئي ان جي ڊگهي مدي واري ڪاميابي جي ضمانت ثابت ٿي سگهي ٿو.

مڪي گڏيل دفاعي معاهدو جيڪڏهن واقعي هڪ مضبوط، شفاف ۽ موثر اداري ۾ تبديل ٿئي ٿو ته اهو ٽنهي ملڪن جي دفاعي صلاحيتن کي گڏ ڪرڻ سان گڏ معاشي ۽ ٽيڪنالاجي سهڪار جا نوان دروازا پڻ کولي سگهي ٿو. پاڪستان لاءِ دفاعي صنعت ۾ نئين سيڙپڪاري، گڏيل تحقيق ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي منتقلي جا موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا. جڏهن ته سعودي عرب ۽ ترڪي سان ڊگهي مدي واري صنعتي تعاون ملڪ جي دفاعي معيشت کي وڌيڪ مضبوط ڪري سگهي ٿو.

هاڻي اصل امتحان اعلانن کان پوءِ شروع ٿيندو. پاڪستان کي تنظيم جي پهرين سربراهه طور اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي، جنهن سان مڪي معاهدو رڳو هڪ دفاعي اعلان نه رهي، پر هڪ فعال، منظم ۽ ذميوار علائقائي ادارو بڻجي. جيڪڏهن ٽنهي ملڪن وچ ۾ اعتماد، برابري، گڏيل مفاد ۽ سفارتي دانشمندي کي بنياد بڻايو ويو ته هي اتحاد خطي ۾ دفاعي توازن سان گڏ امن ۽ استحڪام لاءِ به اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

سنڌ طاس معاهدو برقرار، ڀارت جي آبي ارادن کي عالمي عدالت جو ڌڪ

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڻي ڪنهن به ملڪ جي زندگي، معيشت، زراعت ۽ مستقبل جو بنياد هوندو آهي. پاڪستان جهڙي زرعي ملڪ لاءِ دريائن جو پاڻي رڳو قدرتي وسيلو ناهي، پر قومي سلامتي، خوراڪ جي تحفظ ۽ ڪروڙين انسانن جي زندگي سان جڙيل هڪ اهم مسئلو آهي. ان ڪري پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ پاڻي جو تڪرار هميشه غير معمولي اهميت رکي ٿو. ٻنهي ملڪن وچ ۾ 1960ع ۾ ٿيل سنڌ طاس معاهدو ڪيترين ئي جنگين، سياسي ڇڪتاڻ، سفارتي بحرانن ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ وڌندڙ اختلافن باوجود قائم رهيو. پر گذريل ڪجهه عرصي کان ڀارت طرفان درياهه سنڌ جي نظام سان لاڳاپيل مختلف آبي منصوبن سبب هڪ ڀيرو ٻيهر ان معاهدي جي مستقبل بابت سوال اڀري رهيا هئا.

هاڻي هيگ ۾ قائم مستقل ثالثي عدالت جي اهم فيصلي ان معاملي کي هڪ نئين رخ ڏنو آهي. عدالت واضح ڪيو آهي ته سنڌ طاس معاهدو اڃا تائين مڪمل طور تي لاڳو آهي ۽ ڀارت وٽ ان کي هڪ طرفي طور ختم يا معطل ڪرڻ جو ڪو قانوني جواز موجود نه هو. عدالت طرفان والاريل جمون ۽ ڪشميرواري علائقي ۾ پن بجلي جي منصوبن تي معاهدي جي شرطن موجب ڪم ڪرڻ جي پابندي بابت ڏنل هدايت پاڪستان لاءِ هڪ اهم قانوني ۽ سفارتي اڳڀرائي آهي.

هي فيصلو رڳو ڪنهن هڪ منصوبي يا چند دريائن جي پاڻي جو معاملو ناهي، پر ان بنيادي اصول سان لاڳاپيل آهي ته عالمي معاهدن کي ڪنهن هڪ ڌر جي مرضي سان ختم نٿو ڪري سگهجي. جڏهن به ملڪ ڪنهن معاهدي تي صحيحون ڪن ٿا ته ان معاهدي جي پاسداري عالمي قانون جي بنيادي اصولن ۾ شامل هوندي آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ طاس معاهدي جي حيثيت پاڪستان لاءِ انتهائي اهم آهي.

پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ سنڌ طاس معاهدو عالمي بئنڪ جي سهڪار سان طئي ٿيو هو. ان معاهدي تحت درياهه سنڌ، جهلم ۽ چناب جو پاڻي بنيادي طور پاڪستان لاءِ مخصوص ڪيو ويو، جڏهن ته راوي، بياس ۽ ستلج جو پاڻي ڀارت جي استعمال لاءِ ڏنو ويو. هن ورڇ ٻنهي ملڪن وچ ۾ پاڻي جي مسئلي کي هڪ باقاعده قانوني ڍانچو فراهم ڪيو. اهوئي سبب آهي جو جنگي حالتن ۾ به هي معاهدو وڏي حد تائين قائم رهيو.

پر وقت گذرڻ سان ڀارت والاريل جمون ۽ ڪشمير سميت متانهين علائقن ۾ ڪيترائي پن بجلي منصوبا شروع ڪيا. پاڪستان ڪجهه منصوبن جي بناوت، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت ۽ دريائن جي وهڪري تي ممڪن اثرن بابت اعتراض اٿاريندو رهيو آهي. پاڪستان جو موقف رهيو آهي ته پن بجلي پيدا ڪرڻ ڀارت جو حق ضرور ٿي سگهي ٿو پر اهو حق سنڌ طاس معاهدي ۾ مقرر ڪيل حدن کان ٻاهر نٿو وڃي سگهي.

اصل مسئلو اهو آهي ته متانهين حصي ۾ موجود ملڪ کي پاڻي جي وسيلن تي اهڙي بالادستي حاصل نه هجڻ گهرجي، جنهن سان هيٺاهين ملڪ جي حصي جو پاڻي متاثر ٿئي. جيڪڏهن ڪو متانهون ملڪ پاڻي ذخيرو ڪرڻ ۽ وهڪري کي پنهنجي مرضي سان تبديل ڪرڻ شروع ڪري ته هيٺاهين ملڪ جي زراعت، معيشت ۽ ماحول تي سڌو اثر پئجي سگهي ٿو. پاڪستان جو وڏو زرعي نظام درياهه سنڌ ۽ ان سان لاڳاپيل واهن تي قائم آهي. لکين ايڪڙ زمين جي پيداوار ان پاڻي سان جڙيل آهي ۽ ملڪ جي خوراڪ جي ضرورتن جو وڏو حصو به انهيءَ نظام مان پورو ٿئي ٿو.

ان ڪري پاڪستان لاءِ سنڌ طاس معاهدي جو برقرار رهڻ رڳو سفارتي ڪاميابي نه، پر بنيادي قومي ضرورت آهي. عالمي ثالثي عدالت جو اهو موقف ته معاهدو اڃا تائين مڪمل طور تي لاڳو آهي، پاڪستان جي قانوني موقف کي وڌيڪ مضبوط ڪري ٿو. ان فيصلي سان اهو پيغام پڻ سامهون آيو آهي ته ڪنهن عالمي معاهدي کي سياسي دٻاءَ يا هڪ طرفي اعلان ذريعي ختم نٿو ڪري سگهجي.

ڀارت لاءِ به هي فيصلو هڪ واضح قانوني پيغام رکي ٿو. خطي ۾ پاڻي جي وسيلن تي پنهنجي حيثيت مضبوط ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن ڪو ملڪ اهڙا منصوبا جوڙي ٿو جيڪي ٻئي ملڪ جي حقن کي متاثر ڪري سگهن ٿا، ته ان کي معاهدي جي شرطن ۽ عالمي قانون کي سامهون رکڻو پوندو. ترقي ۽ پن بجلي جي پيداوار پنهنجي جاءِ تي اهم آهن، پر ترقي جو مطلب اهو ناهي ته ڪنهن ٻئي ملڪ جا جائز آبي حق نظرانداز ڪيا وڃن.

هتي پاڪستان لاءِ هڪ ٻيو اهم سوال به پيدا ٿئي ٿو ته ڇا رڳو عالمي عدالتن جا فيصلا ڪافي آهن؟ يقيناً نه. پاڪستان کي پنهنجي آبي حقن جي تحفظ لاءِ قانوني، سفارتي ۽ فني محاذن تي مسلسل ڪم ڪرڻو پوندو. رڳو ان وقت آواز بلند ڪرڻ ڪافي ناهي، جڏهن ڀارت ڪو نئون منصوبو شروع ڪري. پاڪستان کي دريائن، پاڻي جي وهڪري، ذخيرن ۽ ڀارتي منصوبن جي مسلسل نگراني لاءِ جديد سائنسي ۽ فني نظام مضبوط ڪرڻو پوندو. اسان کي اهو به تسليم ڪرڻو پوندو ته پاڪستان پاڻ به پاڻي جي بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي. آبادي ۾ واڌ، موسمياتي تبديلي، برساتن جي غير معمولي نظام، زير زمين پاڻي جي کوٽ، پراڻو آبپاشي نظام ۽ پاڻي جي ضايع ٿيڻ ملڪ جي آبي مستقبل لاءِ وڏا خطرا بڻجي چڪا آهن. جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي موجوده پاڻي کي به اثرائتي طريقي سان محفوظ نه ڪري سگهيو ته رڳو ٻاهرين تڪرارن کي ذميوار قرار ڏيڻ مسئلي جو مڪمل حل نه هوندو.

سنڌ لاءِ هن معاملي جي اهميت وڌيڪ وڏي وڃي ٿي. درياهه سنڌ جو آخري حصو سنڌ مان گذري ٿو ۽ ان درياهه جو پاڻي صوبي جي زراعت، ماحول، معيشت ۽ لکين ماڻهن جي زندگي سان ڳنڍيل آهي. متانهين علائقن ۾ پاڻي جي وهڪري ۾ ڪنهن به وڏي تبديلي جا اثر آخرڪار سنڌ جي هيٺاهين علائقن تائين پهچي سگهن ٿا. ان ڪري سنڌ لاءِ سنڌ طاس معاهدو رڳو پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ٿيل عالمي معاهدو ناهي، پر سنڌ جي پنهنجي مستقبل جو به اهم مسئلو آهي. سنڌ جا آبادگار اڳ ئي پاڻي جي کوٽ، واهن جي نظام جي مسئلن ۽ موسمياتي تبديلي جي اثرن کي منهن ڏئي رهيا آهن. جيڪڏهن درياهه سنڌ جي پاڻي جي وهڪري ۾ وڌيڪ غير يقيني پيدا ٿي ته ان جا اثر زراعت، روزگار ۽ خوراڪ جي پيداوار تائين پهچي سگهن ٿا. ان ڪري سنڌ جي پاڻي واري حق کي قومي آبي پاليسي ۾ بنيادي اهميت ڏيڻ ضروري آهي. عالمي ثالثي عدالت جي فيصلي کان پوءِ پاڪستان کي جذباتي نعرن بدران سنجيده سفارتڪاري جي ضرورت آهي. هن فيصلي کي دنيا آڏو هڪ قانوني مثال طور پيش ڪرڻ گهرجي ۽ ڀارت سان مستقبل جي سمورن آبي معاملن کي عالمي قانون ۽ سنڌ طاس معاهدي جي دائري اندر رکڻ تي زور ڏيڻ گهرجي. ساڳئي وقت پاڪستان کي پنهنجي اندر به پاڻي جي استعمال ۾ سڌارا آڻڻا پوندا.

زراعت ۾ جديد آبپاشي جا طريقا متعارف ڪرائڻ، پاڻي جي ضايع ٿيڻ کي گهٽائڻ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت وڌائڻ ۽ صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ بابت معاملن کي شفاف بڻائڻ جي ضرورت آهي. پاڻي جو مسئلو رڳو ڀارت کان ايندڙ خطرو ناهي، پاڻي جي حفاظت پاڪستان اندر به هڪ قومي ذميواري آهي. اڄ جڏهن دنيا موسمياتي تبديلي سبب نون آبي بحرانن ڏانهن وڌي رهي آهي، ڏکڻ ايشيا ۾ دريائن جي سياست وڌيڪ حساس ٿي سگهي ٿي. هماليه جا گليشيئر، برساتن جا تبديل ٿيندڙ نمونا ۽ وڌندڙ آبادي ايندڙ سالن ۾ پاڻي کي اڃا وڌيڪ قيمتي بڻائيندا. اهڙين حالتن ۾ سنڌ طاس معاهدي جهڙن معاهدن جي اهميت گهٽجڻ بدران وڌيڪ وڌندي. هيگ جو فيصلو پاڪستان کي اهو موقعو فراهم ڪري ٿو ته هو پنهنجي آبي حقن جي تحفظ لاءِ هڪ جامع حڪمت عملي تيار ڪري. هي وقت رڳو جشن ملهائڻ جو نه، پر تياري ڪرڻ جو آهي. عالمي عدالت جو فيصلو قانوني سهارو ضرور فراهم ڪري ٿو پر ان سهاري کي مضبوط قومي پاليسي، اثرائتي سفارتڪاري، جديد آبي تحقيق ۽ پاڻي جي بهتر انتظام ۾ تبديل ڪرڻو پوندو. پاڻي تي جنگ ڪنهن به ملڪ لاءِ ڪاميابي نٿي آڻي. دريائن کي سياست ۽ تڪرار بدران سهڪار جو ذريعو بڻائڻ ئي خطي جي مستقبل لاءِ بهتر رستو آهي. پر سهڪار ان وقت ئي ممڪن آهي، جڏهن ٻئي ملڪ هڪ ٻئي جي قانوني حقن جو احترام ڪن. سنڌ طاس معاهدو ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڏکڻ ايشيا جي ٻن ايٽمي ملڪن وچ ۾ پاڻي جي مسئلي کي هڪ قانوني ڍانچو فراهم ڪندو آيو آهي. عالمي ثالثي عدالت جو تازو فيصلو ان ڍانچي جي اهميت کي هڪ ڀيرو ٻيهر اجاگر ڪري ٿو. هاڻي بال ٻنهي ملڪن جي ميدان ۾ آهي، پر پاڪستان لاءِ سڀ کان اهم پيغام اهو آهي ته پنهنجي پاڻي جي حق جي حفاظت رڳو عدالتن ۾ نه، پر سفارتڪاري، تحقيق، منصوبابندي ۽ قومي يڪجهتي ذريعي به ڪرڻي پوندي. ڇو ته پاڪستان لاءِ پاڻي رڳو درياهه ۾ وهندڙ پاڻي ناهي، پر اهو آبادگار جي اميد، فصلن جي سرسبزي، شهرن جي زندگي، معيشت جي ساهه ۽ ايندڙ نسلن جو مستقبل آهي. جيڪڏهن سنڌ طاس معاهدو برقرار رهي ٿو ته اها رڳو هڪ معاهدي جي بقا نه، پر ان اصول جي بقا پڻ آهي ته طاقت کان وڌيڪ قانون جي بالادستي هجڻ گهرجي.

ڪڏهن ڪڏهن ويٺي ويٺي دل ۾ هڪ سوال اڀري ايندو

نويد بجير نئون ڪوٽ

ڪڏهن ڪڏهن ويٺي ويٺي دل ۾ هڪ سوال اڀري ايندو آهي ته آخر منهنجي اباڻي شهر ڊيپلو جون گليون اڄ به ٽٽل ڦٽل ڇو آهن؟ شهر جون گهٽيون بنيادي سهولتن کان محروم ڇو آهن؟ ۽ هتي جي سول اسپتال، جيڪا غريب ۽ مسڪين ماڻهن لاءِ اميد جو آخري سهارو هجڻ گهرجي، اها به بدحاليءَ جو شڪار ڇو آهي؟

ڊيپلو رڳو هڪ شهر جو نالو ناهي، هي اسان جي سڃاڻپ، اسان جي تاريخ، اسان جي مٽي ۽ اسان جي ابن ڏاڏن جي نشاني آهي. هن شهر جون گهٽيون انهن ماڻهن جي قدمن جون شاهد آهن، جن پنهنجي محنت، قابليت ۽ علم سان نه رڳو پنهنجي خاندان، پر سڄي ملڪ ۾ نالو ڪمايو. هڪ طرف نظر ڦيرائجي ته معلوم ٿئي ٿو ته ڊيپلو سان وابسته انجنيئرن جو وڏو تعداد سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اهم ذميواريون نڀائي رهيو آهي، ته ٻئي طرف ڊاڪٽرن جي به هڪ وڏي ڪميونٽي آهي، جيڪا اڄ حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ پنهنجي قابليت سان خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي.

دل ۾ اهو سوال اڀري ٿو...

ڇا انهن سڀني جو پنهنجي اباڻي شهر سان ڪو تعلق باقي ناهي؟

ڇا ڪڏهن ڪنهن انجنيئر جي دل ۾ اهو خيال نٿو اچي ته جنهن شهر جي مٽيءَ مان نڪري هو انجنيئر بڻيو، ان شهر جي ڪنهن هڪ گهٽيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ به پنهنجو ڪردار ادا ڪري؟

ڇا ڪنهن ڊاڪٽر جي دل ۾ اهو احساس نٿو جاڳي ته جنهن ڌرتيءَ کيس جنم ڏنو، اتي جي غريب مريضن لاءِ هڪ بهتر اسپتال، هڪ طبي ڪئمپ يا ڪا مستقل صحت جي سهولت قائم ڪرڻ ۾ هو به حصو وٺي سگهي ٿو؟

آئون اهو نٿو چوان ته هر ماڻهو پنهنجي اباڻي شهر جو سمورو بار پاڻ تي کڻي. پر مالڪي جو احساس ته هر ڪنهن جي دل ۾ هجڻ گهرجي.

جيڪڏهن ڊيپلو سان تعلق رکندڙ انجنيئر گڏجي شهر جي بنيادي مسئلن بابت هڪ جامع منصوبو تيار ڪن، ڊاڪٽر گڏجي سول اسپتال جي بهتريءَ لاءِ آواز بلند ڪن، ۽ شهر جا پڙهيل لکيل ماڻهو انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن سان گڏجي عملي جدوجهد ڪن، ته يقيناً تبديلي ممڪن آهي اسان کي رڳو شڪايتون ڪرڻ بدران اهو به سوچڻو پوندو ته:

منهنجي اباڻي شهر لاءِ مان ڇا ڪري سگهان ٿو؟

اڄ ڊيپلو اسان کان سوال ڪري رهيو آهي.

اهي گهٽيون، جن تي هلندي اسان وڏا ٿياسين، اڄ به اسان جي مالڪيءَ جون منتظر آهن. اها سول اسپتال، جيڪا ڪنهن وقت ڪنهن غريب جي زندگي بچائڻ جي اميد بڻجي سگهي ٿي، اڄ اسان جي توجهه ۽ سهڪار لاءِ سڏي رهي آهي.

اچو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد جي مصروف زندگين مان ڪجهه وقت ڪڍي پنهنجي ڊيپلو لاءِ سوچيون ڇو ته شهر رڳو سرڪاري ادارن سان نه، پر پنهنجن ماڻهن جي محبت، احساس ۽ مالڪيءَ سان آباد ٿيندا آهن.

ڊيپلو اسان سڀني جو آهي

سوال اهو آهي ته اسان ڊيپلو لاءِ ڇا ڪري سگهون ٿا؟

اچو ته پنهنجي اباڻي شهر جي مالڪي ڪريون، ڇو ته مٽيءَ جو قرض لفظن سان نه، عمل سان ادا ٿيندو آهي.

بقايا *** 01

تن کي استعمال نٿو ڪري سگهي. ڀارت جو سڌيءَ طرح نالو وٺڻ کانسواءِ هن سنڌ طاس معاهدي (IWT) جو مسئلو اجاگر ڪيو ۽ مطالبو ڪيو ته ان معاهدي جو احترام ڪيو وڃي. هن چيو: "پاڻي اسان جي خطي لاءِ زندگيءَ جو رت آهي. اهو لکين ماڻهن جي زندگين کي برقرار رکي ٿو. اسان جي زمينن کي سيراب ڪري ٿو ۽ اسان جي ايندڙ نسلن جي مستقبل کي محفوظ بڻائي ٿو" هن زور ڏيندي چيو ته پاڻي کي "ڪڏهن به هٿيار طور استعمال نه ڪيو وڃي، ان کي دٻاءُ وجهڻ جي اوزار طور استعمال نٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي سياسي فائدي يا دٻاءَ لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي." وزيراعظم چيو ته گڏيل پاڻيءَ بابت معاهدا سنجيده ۽ پابند ڪندڙ عالمي ذميواريون آهن. اهي سياسي سهولت مطابق پنهنجي مرضيءَ سان رد ڪرڻ جون شيون ناهن. انهن معاهدن تي لفظن ۽ روح ٻنهي جي لحاظ کان بنا ڪنهن شرط جي عمل ٿيڻ گهرجي. وزيراعظم جو خطاب مستقل عدالتِ ثالثي (PCA) جي ان فيصلي کان هڪ ڏينهن پوءِ ٿيو جنهن ۾ عدالت ڀارت کي پاڪستان سان سنڌ طاس معاهدو برقرار رکڻ ۽ والاريل ڪشمير ۾ هڪ پن بجلي منصوبي تي ڪم معطل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. هيگ ۾ قائم عدالت پاڪستان جي موقف جي حمايت ڪندي قرار ڏنو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ سنڌ طاس معاهدو مڪمل طور لاڳو آهي ۽ ڀارت وٽ ان معاهدي کي ختم يا معطل ڪرڻ لاءِ ڪو جائز جواز ناهي. ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ پاڻي ۽ سنڌ طاس معاهدو اڃا به تڪراري مسئلو آهن. گذريل سال اپريل ۾ نئين دهلي طرفان معاهدي کي هڪ طرفي طور التوا ۾ رکڻ کان پوءِ ٻنهي ملڪن وچ ۾ مئي 2025ع ۾ مختصر فوجي ٽڪراءُ پڻ ٿيو هو "دهشتگردي سنگين ترين خطرن مان هڪ آهي" دهشتگردي جي مسئلي تي ڳالهائيندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته اها "سڀ کان سنگين خطرن مان هڪ آهي، جنهن پنهنجي مختلف شڪلين ۽ صورتن ۾ اسان جي سڄي خطي کي متاثر ڪيو آهي." "هن چيو ته ايس سي او جي علائقائي دهشتگردي مخالف ڍانچي جي چيئرمين طور پاڪستان علائقائي سطح تي دهشتگردي خلاف سهڪار مضبوط ڪرڻ لاءِ فعال ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو: "تمام گهٽ ملڪن دهشتگردي جي لعنت خلاف پاڪستان جيترو ثابت قدمي ۽ بهادري سان جنگ ڪئي آهي. گذريل اڍائي ڏهاڪن دوران اسان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ 90 هزار کان وڌيڪ قيمتي جانيون قربان ڪيون ۽ 150 ارب ڊالر کان وڌيڪ جا معاشي نقصان برداشت ڪيا." وزيراعظم چيو ته پاڪستان هڪ پرامن ۽ مستحڪم افغانستان چاهي ٿو پر هن واضح ڪيو: "ان ۾ ڪو به ابهام نه هجڻ گهرجي: جيستائين دهشتگرد افغان سرزمين کي پاڪستان ۽ ٻين ملڪن جي بيگناهه ماڻهن جو رت وهائڻ لاءِ استعمال ڪندا رهندا، تيستائين مستقل امن اسان جي پهچ کان ٻاهر رهندو" "پاڪستان جون ثالثي جون ڪوششون پنهنجي خطاب ۾ وزيراعظم پاڪستان طرفان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگ دوران ڪيل ثالثي وارين ڪوششن جو پڻ ذڪر ڪيو ۽ ٻڌايو ته SCO جي ڪائونسل آف هيڊز آف اسٽيٽ جي چيئرمين شپ سنڀالڻ کان پوءِ پاڪستان جو منصوبو ڇا هوندو. وزيراعظم شهباز شريف اڳاري ڏينهن اجلاس جي هنڌ پهچڻ تي ڪرغزستان جي صدر سندس آجيان ڪئي. بعد ۾ هن ٻين عالمي اڳواڻن سان گڏ گروپ فوٽو پڻ ڪرايو. چين، ايران، ترڪي، روس ۽ ڀارت جا اڳواڻ پڻ ٻن ڏينهن واري اجلاس لاءِ ڪرغزستان ۾ موجود آهن. هن علائقائي تنظيم ۾ ڪرغزستان، قازقستان، تاجڪستان، ازبڪستان ۽ بيلاروس به شامل آهن. جڏهن ته تنظيم پنهنجي 25هين سالگرهه ملهائي رهي آهي. وزيراعظم آفيس طرفان جاري ڪيل هڪ وڊيو ۾ شهباز شريف کي چين جي صدر شي جن پنگ سان ڳالهائيندي ڏسي سگهجي ٿو هو روس جي صدر ولاديمير پيوٽن ۽ ترڪي جي صدر رجب طيب اردوان سان گڏ ويٺل پڻ نظر آيو. وزيراعظم ايران، ازبڪستان، قازقستان، تاجڪستان ۽ بيلاروس جي صدرن سان پڻ غير رسمي ملاقاتون ڪيون. پاڪستان SCO جي چيئرمين شپ سنڀاليندي، "شاندار منصوبو" پيش ڪري ڇڏيو دوري دوران پاڪستان 2026_27ع لاءِ SCO جي ڪائونسل آف هيڊز آف اسٽيٽ جي چيئرمين شپ سنڀاليندو ۽ ايندڙ سال SCO سربراهي اجلاس اسلام آباد ۾ ٿيندو. وزيراعظم شهباز شريف اجلاس کي خطاب ڪندي چيو: "جڏهن پاڪستان SCO جي چيئرمين شپ سنڀالي رهيو آهي ته اسان هڪ شاندار منصوبو پيش ڪري رهيا آهيون، جنهن ۾ آءِ ٽي ۽ مصنوعي ذهانت (AI)، توانائي جي ترقي، غربت ۾ گهٽتائي، آفتن جو انتظام، صحت، ثقافت ۽ رانديڪن سميت اهم شعبن کي ترجيح ڏني ويندي." "هن منصوبي تحت پاڪستان خودمختيار AI انفراسٽرڪچر ۽ گورننس لاءِ SCO فريم ورڪ قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني، جنهن جو مقصد ذميوار ۽ سڀني کي شامل ڪندڙ AI جي ترقي کي هٿي ڏيڻ ۽ اهو يقيني بڻائڻ آهي ته ڪو به ميمبر ملڪ پوئتي نه رهجي وڃي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي SCO چيئرمين شپ جو موضوع هوندو: "ويزن کي عمل ۾ تبديل ڪرڻ: رابطي، جدت ۽ گڏيل خوشحالي." "هن چيو ته پاڪستان اها ذميواري عاجزي، اميد ۽ پختي يقين سان سنڀاليندو ته رابطن سان قومون هڪ ٻئي جي ويجهو اينديون، جدت نون موقعن جا دروازا کوليندي ۽ گڏيل خوشحالي هر گهر تائين پهچندي. هن SCO جي ويزن کي عملي قدم ۾ تبديل ڪرڻ ۽ ان جي واعدن کي ترقي ۾ تبديل ڪرڻ تي زور ڏنو. شهباز شريف چيو ته غيريقيني واري دور ۾ تاريخ کي اهو لکڻ گهرجي ته SCO ٽڪراءَ بدران سهڪار، ورهاست بدران ڳالهين ۽ خوف بدران اميد جو رستو اختيار ڪيو. هن وڌيڪ چيو: "تاريخ اهو به لکي ته SCO رڳو بدلجندڙ دنيا جو تماشائي نه رهيو، پر اسان گڏجي ان دنيا کي شڪل ڏني." وزيراعظم چيو ته SCO جي خطي ۾ 3 ارب کان وڌيڪ ماڻهو آباد آهن ۽ هي علائقو قدرتي وسيلن سان مالامال آهي. هن غيرمعمولي صلاحيت کي نظر ۾ رکندي SCO اڳواڻن تي پنهنجي عوام لاءِ بهتر مستقبل ڏانهن جي غيرمعمولي ذميواري لاڳو ٿئي ٿي. هن چيو ته هو ڊگهي عرصي کان علائقائي رابطن کي "اسان جي خوشحالي جي ڪنجي" قرار ڏيندو رهيو آهي. وزيراعظم چيو ته اڄ رابطن جو نظام هاڻي چونڊ نه رهيو آهي، پر اسٽريٽجڪ ضرورت بڻجي چڪو آهي. علائقائي بحران پڻ ثابت ڪيو آهي ته مختلف ٽرانسپورٽ نيٽ ورڪ، محفوظ توانائي راهدارين ۽ مضبوط سپلاءِ چينون گڏيل سلامتي لاءِ انتهائي ضروري آهن. شهباز شريف چيو ته چين_پاڪستان اقتصادي راهداري (CPEC) علائقائي معيشتن کي عربي سمنڊ سان ڳنڍيندڙ "گيٽ وي" طور پنهنجو ڪردار جاري رکي ٿي. هن چيو ته اسلام آباد اڳ ۾ موجود علائقائي ريلوي منصوبن، روڊ رابطن جي منصوبن ۽ توانائي جي منصوبن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي. وزيراعظم 2035ع تائين SCO جي ترقياتي حڪمت عملي تي عمل يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪيو ۽ چيو ته SCO ڊولپمينٽ بئنڪ جو قيام ان سلسلي ۾ هڪ اهم قدم هوندو. SCO جي غربت ۾ گهٽتائي بابت اسپيشل ورڪنگ گروپ جي مستقل چيئرمين جي حيثيت سان پاڪستان سماجي تحفظ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ سڄي SCO خطي ۾ سڀني کي شامل ڪندڙ ۽ پائيدار ترقي کي هٿي ڏيڻ جاري رکندو. "وڌندڙ جيو پوليٽيڪل ڇڪتاڻ" پنهنجي خطاب جي شروعات ۾ وزيراعظم شهباز شريف ڪرغز جمهوريه کي ڪامياب SCO چيئرمين شپ مڪمل ڪرڻ ۽ تنظيم جي ميمبر ملڪن وچ ۾ عملي سهڪار کي اڳتي وڌائڻ ۾ شاندار ڪردار ادا ڪرڻ

بقايا *** 02

لاءِ وزيراعظم شهباز شريف جو مرڪزي هال پهچڻ تي شاندار استقبال ڪيو ويو وزيراعظم شهباز شريف شنگهائي تعاون تنظيم ڪونسل اجلاس ۾ مرڪزي هال پهتو مرڪزي هال پهچڻ تي ڪرغزستان جي صدر وزيراعظم جو استقبال ڪيو وزيراعظم شهباز شريف ۽ ڪرغزستان جي صدر پاڻ ۾ هٿ ملايو اجلاس ۾ شريڪ ميمبرن ملڪن جي اڳواڻن جو گروپ فوٽو به ٿيو وزيراعظم شهباز شريف جي عالمي اڳواڻن ۾ خاص پوزيشن نظر آئي.

بقايا *** 03

۽ سنڌوديش جي خلاف گڏيل طور قرارداد منظور ڪئي وڃي. سنڌ اسيمبلي ۾ ڳالهائيندي ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌوديش جي ڳالهه ڪندڙن خلاف به ايوان گڏ ٿي واضح پيغام ڏئي. هن چيو ته سنڌ جي ورهاست ۽ ورهاڱي خلاف سڀ گڏجي قرارداد منظور ڪن ۽ سنڌ جي ورهاست ۽ سنڌوديش ٻنهي خلاف واضح موقف اختيار ڪرڻو پوندو ناصر حسين شاهه چيو ته اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ ۽ ڊيوولوشن بابت به گڏجي قرارداد آندي وڃي. هن چيو ته اچو ته گڏجي پيغام ڏيون ته سنڌ جي معاملي تي اسان سڀ هڪ آهيون. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وحدت، پاڪستان ۽ پائيداري لاءِ ايوان کي متحد ٿي واضح پيغام ڏيڻ گهرجي.

بقايا *** 04

ي ۾ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت رٿ تي اڳاري ڏينهن ۾ بحث جاري رهيو. اجلاس ۾ خطاب ڪندي پ پ ايم پي اي جميل سومري چيو ته انتظامي يونٽن تي ڪو اعتراض ناهي، پلي ٺاهيو، ڪراچي ۾ هڪ ميئر بدران 4 ميئر هجڻ گهرجن. هن وڌيڪ چيو ته قومپرست آئيني ۽ جمهوري دائري ۾ جدوجهد ڪري رهيا آهن، جي ايم سيد کي بغاوت تي مجبور ڪرڻ وارا ڪير هئا؟

بقايا *** 05

يگر شميم آفريدي ڪيسن جي فيصلن جي روشنيءَ ۾ ٻڌڻي لاءِ منظور ڪيون. درخواستن بابت فيصلو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس خادم حسين سومرو ٻڌايو عمران خان جي ڀيڻ عليم خان ۽ بشريٰ بي بي بابت مبشره خاور مانيڪا عدالت سان رابطو ڪيو هو. عدالت اڊيالا جيل اختيارين کي بشريٰ بي بي سان عمران خان جي ملاقات ڪرائڻ جي هدايت ڪئي، جڏهن ته عمران خان کي جيل قانونن موجب پنهنجي گهرڀاتين سان ملاقات ڪرائڻ جو به حڪم ڏنو ويو. عدالت چيو ته عمران خان کي سندس پٽن سان ٽيليفون تي ڳالهائڻ جي سهولت پڻ ڏني وڃي. فيصلي موجب، جيڪڏهن عمران خان جي آڊيو رڪارڊ ڪري ان جو غلط استعمال ڪيو ويو ته اها سهولت واپس ورتي سگهجي ٿي. عدالت وڌيڪ حڪم ڏنو ته اڳوڻي وزيراعظم کي روزاني بنياد تي اخبارون ۽ ڪتاب فراهم ڪيا وڃن. جڏهن ته جيل رولز موجب طبي سهولتون پڻ مهيا ڪيون وڃن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اڊيالا جيل جي سپرنٽينڊنٽ کي هدايت ڪئي ته بشريٰ بي بي کي پڻ اڪيلائي ۾ نه رکيو وڃي. عدالت جيل اختيارين کان 15 ڏينهن اندر حڪمن تي عملدرآمد بابت رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي.

بقايا *** 06

۽ اوڀر پاڪستان سان برابري قائم ڪرڻ سبب محرومي جو احساس وڌيو، جنهن جو نتيجو اوڀر پاڪستان وڃائڻ جي صورت ۾ نڪتو.

بقايا *** 07

وگر آهن، جن ۾ 600 کان وڌيڪ اهڙا پورهيت پڻ شامل آهن، جن جي ترشولي درياهه جي ڪناري پن بجلي منصوبن لاءِ ٺاهيل مٽيءَ سان ڀريل سرنگن جي وڏي نيٽ ورڪ ۾ ڦاٿل هئڻ جو خدشو آهي. انجنيئر سرنگن اندر هوا پهچائڻ لاءِ پمپس استعمال ڪري رهيا آهن. هڪ امدادي ٽيم تنل ۾ داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي، پر اتي ڪنهن به ماڻهو جي نه ملڻ بعد واپس موٽي آئي. نيپالي وزيراعظم باليندر شاهه موجب، پن بجلي منصوبن جي سائيٽن تان 279 ماڻهن کي محفوظ طريقي سان ڪڍيو ويو آهي. امدادي ڪاررواين جي اڳواڻي چين ۽ نيپال جي فوجي اهلڪارن تي ٻڌل عالمي ٽيم ڪري رهي آهي، جڏهن ته ڀارت، ڏکڻ ڪوريا ۽ آسٽريليا جا ماهر پڻ امدادي سرگرمين ۾ حصو وٺي رهيا آهن.

بقايا *** 08

منور اقبال دوگل 11 صفحن تي ٻڌل فيصلو جاري ڪيو فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته 18 سالن کان ننڍي عمر جي شادي چائلڊ ميرج آهي، ننڍي عمر جي نينگري سان ازدواجي زندگي گذارڻ راضپي جي باوجود چائلڊ ابيوز هوندو. جسٽس منور اقبال دوگل چيو ته ننڍي عمر جي نينگري جي راضپي سان بالغ شخص سان رهڻ جو قانوني حق نٿا ڏيون، چائلڊ ميرج جي نتيجي ۾ ننڍي عمر جي نينگري سان ازدواجي تعلق تي 5 کان 7 سال قيد ٿي سگهي ٿي، چائلڊ ابيوز جي ڏوهه تي گهٽ ۾ گهٽ 10 لک روپيه ڏنڊ به لاڳو ڪيو ويندو فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته حنا اسلم جي عمر نڪاح جي وقت تقريبن 15 سال 2 مهينا هئا، نادرا جي رڪارڊ موجب حنا اسلم جي تاريخ پيدائش پهرين مارچ 2011 آهي، حنا اسلم کي مبينه مڙس سان گڏ وڃڻ جي اجازت نه آهي. عدالت ننڍي عمر جي نينگري کي چائلڊ پروٽيڪشن اينڊ ويلفيئر بيورو جي محفوظ تحويل ۾ رکڻ جو حڪم ڏنو جڏهن ته والدين يا مبينه مڙس کي نينگري جي تحويل ۾ ڏيڻ سان به عدالت پاسو ڪيو عدالت نينگري جي ملاقات والدين يا مبينه مڙس سان صرف نگراني ۾ ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ۽ چيو ته ننڍي عمر جي شادي جي الزام جي جاچ کان پوليس انڪار نٿي ڪري سگهي، اغوا جي ڪيس مان مختلف ڏوهن جي صورت ۾ ڌار ايف آءِ آر داخل ٿي سگهن ٿيون. عدالت ننڍي عمر جي شادي ۽ جعلي نڪاح نامي جي الزامن جي جاچ جو پڻ حڪم ڏنو. جسٽس آف پيس قصور جو فيصلو لاهور هاءِ ڪورٽ ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو عدالت قصور جي بي ڊويزن ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي قانون موجب ڪيس داخل ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته ايف آءِ آر داخل ڪرڻ ڪنهن به شخص کي ڏوهاري قرار ڏيڻ جي برابر نه آهي. حنا اسلم جي مستقبل تحويل جو فيصلو گارڊين جج لاهور ڪندو. عدالت چيو ته نينگري جي مرضي اهم آهي پر انهي جي فلاح، ڀهبود سڀني کان پهريان آهي. پنجاب چائلڊ ميرج ريسٽرينٽ ايڪٽ 2026 ننڍي عمر جي شادي بابت قانون تبديل ڪري ڇڏيو.

بقايا *** 09

ته پي ٽي آءِ باني عمران خان سان ڊيل لاءِ هڪ رٽائرڊ شخصيت وڏو ڪردار ادا ڪيو عمران خان سان 4 کان 5 ملاقاتن کان پوءِ 14 آگسٽ تي ڪيڪ به ڪٽيو ويو ريليف جو عمل شروع ٿي ويو آهي چند ڏينهن ۾ سڀ نظر اچي ويندو هڪ انٽرويو ۾ هن چيو ته هڪ نئون ماڊل بڻجي رهيو آهي جنهن تي 15 سيپٽمبر کان 15 نومبر جي وچ ۾ عمل ٿيڻ جو امڪان آهي هن نظام ۾ پي ٽي آءِ باني سميت سمورن اهم ڌرين آن بورڊ آهن قومي اسيمبلي ميمبر خبردار ڪيو ته جيڪو نئين ماڊل ۾ رڪاوٽ وجهندو ان کي ٻاهر ڪيو ويندو ن ليگ رڪاوٽ بڻي يا شفا انٽرنيشنل واري غلطي ڪئي ته نئون سيٽ اپ بڻجي سگهي ٿو هن چيو ته ن ليگ خوشفهمي ۾ آهي ان کي چونڊن لاءِ جاڳندو رهڻ گهرجي صدر زرداري جا ڪتاب ڪٺي هن چيو ته ن ليگ سمجهي ٿي ته پ پ کي ٽف ٽائيم ڏيندي جيستائين محسن نقوي موجود آهي پ پ کي ڪجهه نه ٿيندو چيو ته آصف زرداري ۽ محسن نقوي جو ڳانڍاپو تعلق آهي هن ۾ ڪو شڪ ناهي مقتدره حلقا پ پ کان خوش ناهن پر هو ڪنهن کان انهن تي ٿو ٿي سگهي ان لاءِ خوش به ٿيڻو پوي ٿو

بقايا *** 10

مافيا ۽ مبينا ڪوڙن ڪيسن خلاف ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران وڏي پيماني تي احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ۾ عورتن، ٻارن، مردن ۽ بزرگن سميت علائقي جي وڏي انگ ۾ رهواسين شرڪت ڪئي مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيا هئا، جن تي مبينا لينڊ مافيا خلاف مختلف نعرا لکيل هئا احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته لينڊ مافيا ۽ فائيل مافيا جي مبينا سرغني عبدالريم نيازي خلاف ڪيترائي ايف آءِ آر داخل ٿيل آهن ۽ سندس مبينا طور تي وڏو ڪرمنل رڪارڊ پڻ موجود آهي. مظاهرين موجب عبدالريم نيازي پنهنجي مبينا ساٿين ربنواز پٽي، جنيد جمالي ۽ حميد چوڌري ذريعي پوليس سان مبينا سازباز ڪري مهراڻ ٽائون جي رهواسين خلاف سرين ۽ سيمينٽ جي چوري سميت مختلف نوعيت جا مبينا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي ٿو علائقي واسين جو چوڻ هو ته مبينا طور پوليس ۽ نجي هٿياربند ماڻهن جي ذريعي رات جي وقت رهواسين جي گهرن ۾ داخل ٿي ماڻهن کي ڪنيپو وڃي ٿو ۽ دٻاءُ وجهي مبينا جعلي معاهدن تي صحيحون ڪرايون وڃن ٿيون، جن جون وڊيوز پڻ تيار ڪيون وڃن ٿيون. مظاهرين موجب بعد ۾ انهن مبينا معاهدن کي بنياد بڻائي گهر خالي ڪرائڻ ۽ ڪجهه گهر ڊاهڻ جون ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون. مظاهرين وڌيڪ الزام لڳايو ته ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي) جا ڪجهه آفيسر پڻ مبينا طور عبدالريم نيازي سان ملي ڀڳت ۾ شامل آهن. جيڪي مبينا سازباز ذريعي جعلي پاور آف اٽارني تيار ڪرائي غريب رهواسين کي سندن گهرن کان محروم ڪرڻ ۾ مدد ڪري رهيا آهن علائقي واسين جو چوڻ هو ته ماضي ۾ سنڌ جي اڳوڻي گورنر طرفان پڻ آءِ جي سنڌ ۽ لاڳاپيل اختيارين کي عبدالريم نيازي خلاف سخت ڪارروائي جون هدايتون ڏنيون ويون هيون، پر مظاهرين موجب ان باوجود مبينا طور ڪارروائيون اثرائتيون ثابت نه ٿيون. مظاهرين دعويٰ ڪئي ته عبدالريم نيازي مبينا طور اثر رسوخ ۽ پئسي جي زور تي قانون کان بي خوف هجڻ جو اظهار ڪندو رهي ٿو ۽ مڪينن الزام هنيو ته عبدالريم نيازي سان گڏ مبينا طور هٿياربند ماڻهو پڻ موجود هوندا آهن ۽ گهر خالي نه ڪرڻ جي صورت ۾ رهواسين کي تشدد، جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ۽ هراسان ڪرڻ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو احتجاج ڪندڙن چيو ته هو گذريل 20 سالن کان وڌيڪ عرصي کان مهراڻ ٽائون ۾ رهائش پذير آهن ۽ سندن گهر سندن سڄي زندگي جي ڪمائي ۽ جمع پونجي آهن. مظاهرين موجب مبينا جعلي پاور آف اٽارني ۽ نجي ماڻهن ذريعي سندن گهرن کي ڊاهڻ ۽ قبضي ۾ وٺڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. جنهن جو فوري طور نوٽيس ورتو وڃي مظاهرين سنڌ حڪومت، آءِ جي سنڌ، پوليس جي اعليٰ اختيارين، ڪي ڊي اي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته عبدالريم نيازي، ربنواز پٽي ۽ جنيد جمالي خلاف لڳايل الزامن جي شفاف ۽ غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي وڃي، ذميوار عنصرن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ رهواسين خلاف داخل ڪيل ڪيسن جي پڻ ميرٽ تي جاچ ڪئي وڃي علائقي واسين مطالبو ڪيو ته انهن پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي به جاچ ڪئي وڃي، جن تي مبينا طور لينڊ مافيا سان ملي ڀڳت ڪري رهواسين کي هراسان ڪرڻ ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جا الزام آهن. جيڪڏهن الزام درست ثابت ٿين ته ذميوار آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف قانوني ۽ کاتيوار ڪارروائي ڪئي وڃي احتجاج دوران شرڪت ڪندڙن مختلف نعرا پڻ هنيا، جن ۾ عبدالريم نيازي کي پڪڙو مهراڻ ٽائون کي بچايو ربنواز پٽي کي پڪڙو مهراڻ ٽائون کي بچايو مظاهرين مطالبو ڪيو ته مهراڻ ٽائون جي رهواسين جي گهرن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي، مبينا قبضا گروپن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ غريب شهرين کي انصاف ۽ قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا *** 11

ي ٻن گروپن جي وچ ۾ فائرنگ سبب 3 قيمتي جانيون ضايع ٿيون، جڏهن ته فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ شخص زخمي ٿيو ۽ کيس فوري طور تي طبي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو ڊي پي او چيو ته چپري وزير ۾ بي ايڇ يو اسپتال منصوبي جي جڳهه تي ٻنهي گروپن جي وچ ۾ تڪرار هو ڊي پي او موجب، ٻئي گروپ پنهنجي علائقي ۾ بنيادي صحت مرڪز جي تعمير چاهين ٿا.

بقايا *** 12

۾ شرڪت ڪندي هن چيو ته پاڪستان ۾ سلامتي سميت ٻين شعبن ۾ ٽيڪنالاجي کي هٿي ڏني پئي وڃي، آءِ ٽي جي شعبي ۾ سڌارا ڪيا پيا وڃن هن چيو ته ايس آءِ ايف سي جي تحت ٽيڪنالاجي جي شعبي جي ترقي لاءِ جاندار اپاءُ ورتا پيا وڃن ٻاهرين ڪمپنين کي سيڙپڪاري لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪيو پيو وڃي شزا فاطمه مطابق پاڪستان لاءِ آءِ ٽي جي شعبي ۾ سيڙپڪاري جي وسيع موقعا موجود آهن حڪومت ڊجيٽل گورننس تي ڌيان ڏئي رهي آهي هن چيو ته نوجوانن جي آءِ ٽي جي شعبي ۾ ٽريننگ ڪئي پئي وڃي جيئن اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪري سگهجن.

بقايا *** 13

ستون ٻڌڻي لاءِ منظور ڪري ورتيون آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اهي درخواستون نصرت پٽو ۽ بيگم شميم آفريدي ڪيسن جي فيصلن جي روشنيءَ ۾ ٻڌڻي لاءِ منظور ڪيون. درخواستن بابت فيصلو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس خادم حسين سومرو ٻڌايو عمران خان جي ڀيڻ عليم خان ۽ بشريٰ بي بي بابت مبشره خاور مانيڪا عدالت سان رابطو ڪيو هو. عدالت اڊيالا جيل اختيارين کي بشريٰ بي بي سان عمران خان جي ملاقات ڪرائڻ جي هدايت ڪئي، جڏهن ته عمران خان کي جيل قانونن موجب پنهنجي گهرڀاتين سان ملاقات ڪرائڻ جو به حڪم ڏنو ويو. عدالت چيو ته عمران خان کي سندس پٽن سان ٽيليفون تي ڳالهائڻ جي سهولت پڻ ڏني وڃي. فيصلي موجب، جيڪڏهن عمران خان جي آڊيو رڪارڊ ڪري ان جو غلط استعمال ڪيو ويو ته اها سهولت واپس ورتي سگهجي ٿي. عدالت وڌيڪ حڪم ڏنو ته اڳوڻي وزيراعظم کي روزاني بنياد تي اخبارون ۽ ڪتاب فراهم ڪيا وڃن. جڏهن ته جيل رولز موجب طبي سهولتون پڻ مهيا ڪيون وڃن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اڊيالا جيل جي سپرنٽينڊنٽ کي هدايت ڪئي ته بشريٰ بي بي کي پڻ اڪيلائي ۾ نه رکيو وڃي. عدالت جيل اختيارين کان 15 ڏينهن اندر حڪمن تي عملدرآمد بابت رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي.

بقايا *** 14

اچي ٿو ته ايران به معاهدي تي عملدرآمد فوري طور ٻيهر شروع ڪري ڇڏيندو شنگهائي سهڪار تنظيم (ايس سي او) جي سربراهي اجلاس کي خطاب ڪندي مسعود پزشڪيان چيو ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ طئي ٿيل اسلام آباد مفاهمتي ياداشت تي آمريڪي صدر جا صحيحا موجود هئا، پر ان دستاويز سان آمريڪا جي وابستگي ٻن هفتن کان به گهٽ عرصي تائين برقرار رهي. هن چيو ته آمريڪا طرفان پنهنجن واعدن ۽ ذميوارين جي ڀڃڪڙي جي جواب ۾ ايران به متناسب رد عمل ڏنو هو.

بقايا *** 15

ن موجب، ڪرغزستان جي راڄڌاني بشڪيڪ ۾ وڪرم مصري کان انهن ڀارتي شهرين بابت سوال ڪيو ويو، جيڪي روسي فوج ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. وڪرم مصري چيو ته روسي هٿياربند فوج ۾ ڀارتي شهرين جي ڀرتي جو معاملو ڀارت ۽ روس وچ ۾ مختلف سطحن تي ڪيترائي ڀيرا بحث هيٺ اچي چڪو آهي. هن چيو ته ماسڪو ۾ ڀارتي سفارتخانو روسي فوج ۾ شامل ڀارتي شهرين جي وطن واپسي واري عمل جي مسلسل نگراني ڪري رهيو آهي. ڀارتي پرڏيهي سيڪريٽري موجب، دستياب ڄاڻ تحت 227 ڀارتي شهرين جي روسي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ جون رپورٽون مليون آهن، جن مان 139 شهرين کي فوجي خدمتن مان فارغ ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته افسوسناڪ طور تي هينئر تائين 51 ڀارتي شهرين جي مارجڻ جون رپورٽون مليون آهن.

بقايا *** 16

ڳالهه ختم ٿيڻ گهرجي. سنڌ اسيمبلي ۾ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت رٿ تي اڳاري ڏينهن به بحث جاري رهيو. سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ ڳالهائيندي ايم ڪيو ايم جي ايم پي اي باسط علي چيو ته کيس سنڌ جو پٽ هجڻ تي فخر آهي ۽ هو ڪراچي کي صوبو بڻائڻ جي مخالفت ڪري ٿو هن چيو ته سنڌ ٽوڙڻ جي ڳالهه ختم ٿيڻ گهرجي، مان مضبوط سنڌ ڏسڻ چاهيان ٿو باسط علي وڌيڪ چيو ته ٺهڪ شراب خانو بند نه ٿا ڪرائي ڏيو، مان ته مسجد جي امام کي منهن نٿو ڏيکاري سگهان.

بقايا *** 17

ل چيڪ اپ به ڪرائيندو صدر زرداري سان سليم مانڊوي والا ۽ ان جو ذاتي ڊاڪٽر عاصم حسين به آيل آهي صدر زرداري اٽڪل 6 سالن کان پوءِ برطانيه جي دوري تي آيل آهي، بلاول به ڪجهه ڏينهن ۾ لنڊن اچڻ جو اطلاع آهي.

بقايا *** 18

ز پبلڪ رليشنز (ISPR) چيو ته چاغي ضلعي جي نوڪنڊي ۽ پشين ضلعي جي زيارت ڪراس ۾ پيش آيل ڪيترن ئي واقعن دوران فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج سان لاڳاپيل ڀارت جي سرپرستي هيٺ ڪم ڪندڙ 21 دهشتگردن کي سيڪيورٽي فورسز جي اثرائتي جوابي ڪارروائي دوران ماريو ويو. رياست پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان (TTP) لاءِ فتنه الخوارج جي اصطلاح استعمال ڪري ٿي، جڏهن ته بلوچستان ۾ سرگرم گروهن لاءِ فتنه الهندستان جي اصطلاح استعمال ڪئي وئي آهي. جنهن جو مقصد پاڪستان ۾ دهشتگردي ۽ بدامني ۾ ڀارت جي مبينا ڪردار کي اجاگر ڪرڻ آهي. آءِ ايس پي آر چيو: "31 آگسٽ ۽ پهرين سيپٽمبر جي وچ واري رات فتنه الخوارج سان لاڳاپيل دهشتگردن ڪسٽمز هائوس ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي هڪ منظم حملو ڪيو" بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته سيڪيورٽي فورسز اثرائتي جوابي ڪارروائي ڪئي ۽ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ 10 دهشتگردن کي ماريو ويو. آءِ ايس پي آر موجب، فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندڙ دهشتگردن کي به سيڪيورٽي فورسز نشانو بڻايو، جنهن جي نتيجي ۾ وڌيڪ دهشتگرد مارجي ويا. بيان ۾ چيو ويو: "فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ڌرتيءَ جا 6 بهادر پٽ، جن ۾ ٻن آفيسرن ۽ ڪسٽمز کاتي جي هڪ سرڪاري آفيسر سميت، فرض جي ادائيگي دوران پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو ۽ شهادت ماڻي." آءِ ايس پي آر موجب ڪسٽمز هائوس تي حملو "دهشتگردي ۽ ڏوهاري سرگرمين جي گڏجوڙ" جو واضح مظهر هو، جنهن جو مقصد ڪسٽمز اهلڪارن کي سندن قانوني ذميواريون ادا ڪرڻ کان روڪڻ ۽ علائقي ۾ ڏوهاري سرگرمين جي سلسلي کي جاري رکڻ ۾ سهولت فراهم ڪرڻ هو بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته ڀرپاسي وارن علائقن ۾ صفائي وارين ڪاررواين جاري آهن، جن جو مقصد باقي رهيل دهشتگردن جو خاتمو ڪرڻ ۽ مقامي آبادي سان گڏ اهم قومي شاهراهن جي حفاظت ۽ سلامتي کي يقيني بڻائڻ آهي. ڪوئيٽا_تفتان هاءِ وي تي به دهشتگرد مارجي ويا آءِ ايس پي آر موجب، الڳ واقعي ۾ 31 آگسٽ تي فتنه الهندستان سان لاڳاپيل دهشتگردن N_40 ڪوئيٽا_تفتان هاءِ وي تي مسافرن جي پرامن اچ وڃ ۾ خلل وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، دهشتگرد مبينا طور پئسا وصول ڪرڻ لاءِ غيرقانوني چيڪ پوسٽ قائم ڪئي هئي. آءِ ايس پي آر چيو: "سيڪيورٽي فورسز فوري طور تي ڪارروائي ڪئي ۽ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ 11 دهشتگردن کي موقعي تي ئي ماريو ويو" بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته دهشتگردن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار، گولا بارود ۽ ڌماڪيدار مواد پڻ هٿ ڪيو ويو آءِ ايس پي آر پنهنجي بيان جي آخر ۾ چيو ته قومي ايڪشن پلان بابت وفاقي ايپڪس ڪميٽي جي منظوري سان "عزم استحڪام" جي ويزن تحت جاري دهشتگردي خلاف مسلسل مهم مڪمل عزم سان جاري رهندي. بيان ۾ چيو ويو ته سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي ۽ مدد سان ٿيندڙ دهشتگردي جي لعنت جي خاتمي لاءِ پرعزم آهن.

بقايا *** 19

گردياڻين جي پڙهائي بحال ٿي وئي آهي شاگردياڻيون ڪلاسن ۾ پهچي ويون جڏهن ته حاضري معمول کان گهٽ رڪارڊ ڪئي وئي ٻئي پاسي دهلي بوائز اسڪول کي لاڳاپيل ڌر پاران رضامندي نه ملڻ سبب هڪ هفتي لاءِ بند ڪيو ويو پرنسپل علي خان ميرجت مطابق بوائز ڪيمپس جو ڪنٽرول لاڳاپيل ڌر سنڀالي ورتو آهي شاگردن کي هڪ هفتي جي موڪل ڏني وئي هن چيو ته تعليم کاتي پاران اجازت ڏني وئي ته شاگردن کي گرلز ڪيمپس منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي اسڪول ۾ شاگردن جو تعداد اٽڪل 700 جڏهن ته شاگردياڻين جو تعداد 2200 آهي ٻئي پاسي گرلز اسڪول جي پرنسپل عرفانه جوڻيجو چيو آهي ته اسڪول عمارت عارضي طور تي ڪجهه ڏينهن لاءِ بند ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 20

ع تائين واڌ، ۽ ڪڻڪ جي ذخيرن کي مضبوط ڪرڻ، پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ، ۽ ڊيجيٽل گورننس لاءِ ڪيترن ئي قدمن جي منظوري ڏني وئي وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ ڪابينا جي اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص مددگارن، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ۽ لاڳاپيل کاتن جي سينئر آفيسرن شرڪت ڪئي مقامي حڪومتن جا سڌارا وڌيڪ جائزي لاءِ موڪليا: ڪابينا سنڌ لوڪل گورنمينٽ ائڪٽ، 2013ع ۾ ترميمن جي هڪ پيڪيج تي بحث ڪيو جنهن جو مقصد ادارتي ڪارڪردگي، احتساب، چونڊيل ڪائونسلن جي تسلسل ۽ ميونسپل سروسز جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ آهي تجويز ڪيل ترميمن ۾ ڪائونسل جو مدو ختم ٿيڻ کان 120 ڏينهن اڳ مقامي حڪومتن جي چونڊن جو عمل شروع ڪرڻ، جيڪڏهن چونڊون دير جو شڪار ٿين ته ٻاهر ويندڙ ميئر يا چيئرمين کي بطور ايڊمنسٽريٽر ڪم جاري رکڻ جي اجازت ڏيڻ، يونين ڪائونسل ۽ يونين ڪميٽي جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين خلاف عدم اعتماد جي ووٽ لاءِ ٻه ٽهائي اڪثريت جي شرط کي متعارف ڪرائڻ ۽ ڊپٽي ميئر يا وائيس چيئرمين کي ڪنوينر جو ڪردار ڏيڻ شامل آهن هن پيڪيج ۾ پبلڪ سروس انفراسٽرڪچر جي ميپنگ، ڪراچي جي چيف ايگزيڪيوٽو ۽ مستقبل جي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشنز کي ميٽروپوليٽن ڪمشنر طور نامزد ڪرڻ، ۽ ڪميونٽي تڪرارن جي خوش اسلوبي سان حل لاءِ يونين، ٽائون ۽ ميونسپل ڪميٽي جي سطحن تي مصلحتي فورمن جو قيام پڻ شامل آهي غور ويچار ڪانپوءِ وڏي وزير شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه، سعيد غني، ضياءُ الحسن لنجار، جام خان شورو، صلاحڪار نجمي عالم ۽ خاص معاون سليم بلوچ تي ٻڌل هڪ ذيلي ڪميٽي جوڙي، جيڪا تجويز ڪيل ترميمن جو جائزو وٺي سنڌ اسيمبلي ۾ موڪلڻ کان اڳ پنهنجون سفارشون پيش ڪندي پي ايف سي ڪنسلٽنٽ مقرر: ڪابينا ايندڙ صوبائي فنانس ڪميشن (PFC) ايوارڊ جي تياري ۾ ٽيڪنيڪل مدد فراهم ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر اشرف وسطي کي ڇهن مهينن لاءِ بطور انفرادي ڪنسلٽنٽ مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏني ڪنسلٽنٽ حڪومت ۽ مقامي ڪائونسلن وچ ۾ صوبائي وسيلن جي منصفاڻي ورڇ لاءِ مالي تجزيي، وسيلن جي ورڇ جي ماڊلنگ، گذريل ايوارڊن جي جائزي ۽ اسٽيڪ هولڊرز جي مشاورت ۾ مدد ڪندو ڪڻڪ جي آبادگارن لاءِ سبسڊي پيڪيج: ڪابينا ربيع 2026ع_27ع جي سيزن کان اڳ ڪڻڪ جي آبادگارن جي مدد تي خاص ڌيان ڏنو هن زراعت کاتي جي ٽنين هارين لاءِ هدايت ٿيل ڊي اي پي (DAP) سبسڊي جي تجويزن تي غور ڪيو جنهن ۾ انهن آبادگارن لاءِ وڌيڪ مدد شامل آهي جن پنهنجي ڪڻڪ سنڌ فوڊ ڊپارٽمينٽ کي فراهم ڪئي هئي ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته ڊي اي پي جي اشارياتي پرچون قيمت اٽڪل 17,904 رپيا في ٻوري طئي ڪئي وئي آهي جڏهن ته وفاقي حڪومت پاران 3,500 رپيا في ٻوري سبسڊي تجويز ڪئي وئي هئي، جيڪا اشارياتي قيمت جي لڳ ڀڳ 20 سيڪڙو جي برابر آهي ڪابينا فيصلو ڪيو ته جن هارين سنڌ فوڊ ڊپارٽمينٽ کي ڪڻڪ وڪرو ڪئي هئي تن کي سرڪاري خريداري ۾ حصو وٺڻ جي ترغيب طور اضافي سبسڊي ڏني ويندي جڏهن ته ٻين اهل نئين آبادگارن کي پڻ هن امدادي پروگرام جي تحت ڪور ڪيو ويندو ڪابينا سنڌ هاري مدد پروگرام جي تحت نئين رجسٽريشن کولڻ ۽ اڳ ئي موجود آبادگارن جي ٻيهر تصديق جي به منظوري ڏني ان عمل ۾ ڊيجيٽل تصديق ۽ زمين جي ملڪيت جي جانچ شامل هوندي ته جيئن ٻيڻا، غير اهل ۽ فرضي فائدو وٺندڙن کي ختم ڪري سگهجي زراعت کاتي ڪابينا کي آگاهه ڪيو ته گذريل امدادي پروگرام جي تحت 333,127 آبادگارن کي 27.336 ارب رپين جي ڊي اي پي سبسڊي ورڇي وئي جڏهن ته 314,317 آبادگارن کي 14.428 ارب رپين جي يوريا سبسڊي فراهم ڪئي وئي هن پروگرام جي نتيجي ۾ 2025ع_26ع دوران ڪڻڪ جي پوکائي 3.086 ملين مان وڌي 3.880 ملين ايڪڙ ۽ پيداوار 3.543 ملين مان وڌي 4.913 ملين ٽن تي وئي ڪابينا ايندڙ ڪڻڪ جي فصل لاءِ گهٽ ۾ گهٽ امدادي/اشارياتي قيمت بابت تجويزن جو به جائزو ورتو ۽ هدايت ڪئي ته ذيلي ڪميٽي جون سفارشون ايندڙ ڪابينا اجلاس ۾ پيش ڪيون وڃن ڪابينا پاران ڪڻڪ جي ذخيرن کي مضبوط ڪرڻ: ڪابينا پاسڪو (PASSCO) کان 223,455 ميٽرڪ تن ڪڻڪ جي خريداري سميت ٽرانسپورٽيشن جي انتظامن جي منظوري ڏني ان مقدار مان 130,000 ٽن ڪراچي منتقل ڪيا ويندا، 30,000 ٽن کان وڌيڪ حيدرآباد/ڄامشورو منتقل ڪيا ويندا، جڏهن ته شهيد بينظير آباد ۽ سانگهڙ ۾ پاسڪو جي گودامن ۾ اڳ ئي موجود اسٽاڪ شهيد بينظير آباد ۽ ميرپورخاص ڊويزن جي ضرورتن لاءِ اتي ئي برقرار رکيو ويندو ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته ڪڻڪ جي خريداري لاءِ 23.136 ارب رپيا ۽ ٽرانسپورٽيشن لاءِ 2 ارب رپيا اڳ ئي جاري ڪيا ويا آهن ان کانسواءِ ٽي سي پي (TCP) ذريعي 0.3 ملين ٽن درآمد ٿيل ڪڻڪ جي خريداري جي به منظوري ڏني وئي ۽ نيشنل فوڊ سيڪيورٽي اينڊ ريسرچ وزارت، ٽي سي پي ۽ سنڌ حڪومت جي وچ ۾ هڪ ٽه_ڌريو معاهدو ڪرڻ جي اختيار جي منظوري ڏني وئي ڪابينا سنڌ بئنڪ سان ڪموڊٽي فنانسنگ انتظامن ذريعي ايڊوانس ادائگين، پي پي ٻورين جي خريداري ۽ روزاني 5,000 ٽن جي نظرثاني ٿيل پورٽ لفٽنگ ٽارگيٽ جي منظوري ڏني فوڊ بابت ڪابينا جي ذيلي ڪميٽي کي اختيار ڏنو ويو ته اها ڪنهن به اضافي مالي وابستگي کان اڳ درآمد ٿيل ڪڻڪ جي حتمي لينڊڊ قيمت جي منظوري ڏئي وڏي وزير چيو ته قدمن جو مقصد ڪڻڪ جي بغير ڪنهن رڪاوٽ جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ، اسٽريٽجڪ ذخيرا برقرار رکڻ ۽ صوبي ۾ غذائي تحفظ کي مضبوط ڪرڻ آهي ڪچي جي زمين جي سروي لاءِ 705 ملين رپيا منظور: ڪابينا بورڊ آف روينيو جي ان تجويز جي منظوري ڏني ته سروي آف پاڪستان ذريعي سنڌ ۾ ڪچي جي زمين جي جامع سروي گورنمينٽ ٽو گورنمينٽ بنيادن تي 705 ملين رپين جي لاڳت سان ڪرائي وڃي هي سروي حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو ۽ شهيد بينظير آباد ڊويزنن جي 613 ديهن تي مشتمل هوندي، جنهن ۾ اٽڪل 1.61 ملين ايڪڙ ڪچي جي زمين شامل هوندي بورڊ آف روينيو ڪابينا کي آگاهه ڪيو ته هن پراجيڪٽ کي اصولي منظوري 31 مارچ 2026ع تي ملي چڪي هئي بورڊ آف روينيو ۽ سروي آف پاڪستان جي وچ ۾ معاهدي تي جولاءِ ۾ دستخط ڪيا ويا هئا، پر فنانس ڊپارٽمينٽ جي مشوري ڪانپوءِ هي تجويز ٻيهر ڪابينا ۾ آندي وئي ڇاڪاڻ ته هي 15.5 مهينن جو پراجيڪٽ مالي سال 2026ع_27ع تائين هليو ويندو سروي ۾ سيٽلائيٽ تصويرون، جي آءِ ايس (GIS) ميپنگ، جيوڊيٽڪ ڪنٽرول، ڪيڊسٽرل ۽ پارسل ليول ميپنگ، زمين جي استعمال جي جيو_ٽيگنگ، حدن جي نشاندهي ۽ ملڪيت ۽ زمين جي استعمال جي ڊيٽا گڏ ڪرڻ شامل هوندي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته ڪچي جي زمينن جي درست ميپنگ شفاف زمين جي انتظاميه، ماحولياتي تحفظ، اثرائتي رٿابندي ۽ غير قانوني قبضا ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي هن بورڊ آف روينيو ۽ سروي آف پاڪستان کي هدايت ڪئي ته اها مشق طئي ٿيل وقت اندر مڪمل ڪئي وڃي ۽ گڏوگڏ درستگي ۽ شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي اي وي (EV) مراعتن ۾ مئي 2028ع تائين واڌ: ڪابينا غير تجارتي اليڪٽرڪ گاڏين (EV) لاءِ ٽيڪس ۽ رجسٽريشن جي مراعتن ۾ ٻن سالن جي واڌ جي منظوري ڏني جيڪا 30 مئي 2026ع کان 29 مئي 2028ع تائين هوندي منظور ٿيل پيڪيج تحت، غير تجارتي اي ويز (EVs) جي رجسٽريشن فيس 1,000 رپيا رهندي، جڏهن ته ساليانو موٽر گاڏي ٽيڪس 500 رپيا هوندو 2000 سي سي ۽ ان کان مٿي جي برابر اي ويز تي 5,000 رپيا لگزري ٽيڪس لاڳو ٿيندو جڏهن ته اليڪٽرڪ موٽرسائيڪلن تي هڪ ڀيرو لائيف ٽائيم موٽر گاڏي ٽيڪس 500 رپيا هوندو دير سان رجسٽريشن جي سزا (پينلٽي) 1,000 رپيا طئي ڪئي وئي آهي وڏي وزير چيو ته انهن مراعتن جو مقصد پاڪ صاف ٽرانسپورٽيشن ڏانهن منتقلي کي تيز ڪرڻ، موجوده يونٽ جا ڪم، اختيار، اسٽاف، معاهدا، رڪارڊ ۽ جاري ڪارروايون نئين ڪمپني ڏانهن منتقل ڪيون وينديون هن نئين جوڙجڪ جو مقصد آپريشنل ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ، کاتن جي پي پي پي جي صلاحيت کي مضبوط ڪرڻ ۽ پراجيڪٽ جي پهچائڻ کي تيز ڪرڻ آهي زمين جي الاٽمينٽ ۽ چوريئو مندر جون سهولتون: ڪابينا حيدرآباد، عمرڪوٽ ۽ ميرپورخاص ۾ انٽيليجنس بيورو (IB) کي پنهنجا آفيسون قائم ڪرڻ لاءِ 99 سالن جي ليز تي سرڪاري زمين جي الاٽمينٽ جي منظوري ڏني ان کانسواءِ مڪيش چاولا جي سربراهي ۾ هڪ ڪميٽي به جوڙي وئي جنهن ۾ راجوير سنگهه ۽ شام سندر ميمبر هوندا، جيڪا ٿرپارڪر ۾ چوريئو مندر جي آسپاس تي ايڪڙ سرڪاري زمين جي ريزرويشن/الاٽمينٽ جي درخواست جو جائزو وٺندي جنهن ۾ چئن ديواري، سيڪيورٽي انتظام، پهچ وارا رستا، ياترين جي رهائش، پارڪنگ، پيئڻ جو پاڻي ۽ صفائي سترائي سميت سهولتون شامل آهن هي زمين ڪميٽي پاران رپورٽ پيش ڪرڻ ڪانپوءِ الاٽ ڪئي ويندي.

بقايا *** 21

ختم ٿي ويو آهي. پنهنجي بيان ۾، ٽرمپ چيو ته ايران وٽ نه بحري فوج آهي، نه هوائي فوج، نه ڪرنسي، ۽ ايران پنهنجي فوج ۽ پوليس اهلڪارن کي پگهار ڏيڻ جي قابل ناهي. هن چيو ته ايران ۾ افراط زر 300 سيڪڙو تائين پهچي چڪو آهي. آمريڪي صدر دعويٰ ڪئي ته ايران ۾ 100,000 مظاهرين مارجي ويا آهن.

بقايا *** 22

رڪارڊ ڪيو ويو برسات سبب راولپنڊي جي هيٺاهين وارن علائقن ۾ ٻوڏ جو خدشو آهي. ڪٽاريان وٽ نالا لئي ۾ پاڻي جي سطح 25 فوٽ کان وڌي وئي آهي. گوالمنڊي ۾ به پاڻي جي سطح 18 فوٽ تائين پهچي وئي آهي. جڏهن ته نالا لئي جي آس پاس جي آبادي کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. ٻئي طرف راولپنڊي ۾ تعليمي ادارن ۾ موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي، سرڪاري ۽ خانگي تعليمي ادارا اڄ بند رهندا.

بقايا *** 23

برسات سبب هيٺاهين وارن علائقن ۾ پاڻي گهرن ۾ داخل ٿي ويو، جڏهن ته انتظاميا طرفان اڄ تعليمي ادارن ۾ موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي. موسميات کاتي موجب، برسات رات 3 لڳي 20 منٽن تي شروع ٿي، جيڪا صبح 8 وڳي تائين جاري رهي. تيز وسڪاري سبب روڊن ۽ مختلف علائقن ۾ گوڏن تائين پاڻي بيهي ويو آهي. راولپنڊي جي ڊپٽي ڪمشنر ڪيپٽن رٽائرڊ نديم ناصر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته راولپنڊي ۾ 200 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ٿي چڪي آهي، جيڪا گذريل 3 سالن دوران سڀ کان وڌيڪ برسات آهي. هن چيو ته برسات جو سڀ کان وڏو اثر نالا لئي تي پئجي رهيو آهي. جڏهن ته نالا لئي ۾ ڇوڙ ڪندڙ نالا بيڪ فلو ڪري رهيا آهن، جنهن سبب پاڻي ٻاهر اچي رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته اميد آهي ته هڪ ڪلاڪ اندر صورتحال معمول تي اچڻ شروع ٿي ويندي. نالا لئي ۾ پاڻي جي سطح بلند ٿيڻ سبب ڀرپاسي جي نالن جو پاڻي آباديءَ ۾ داخل ٿيو آهي. پاڻي جي سطح گهٽ ٿيندي ئي هيٺاهين وارن علائقن مان پاڻي نڪرڻ شروع ٿي ويندو آباديءَ کي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ ٽيمون هيٺاهين وارن علائقن ڏانهن روانيون ڪيون ويون آهن. ڊپٽي ڪمشنر ٻڌايو ته هن وقت ڪٽارين ۾ پاڻي جي سطح پنهنجي بلند ترين مقام تي آهي، جنهن جو اثر گوالمنڊي تي پئجي رهيو آهي. پاڪ فوج، ريسڪيو 1122، پي آر آءِ ۽ سمورا لاڳاپيل متحرڪ ۽ موجود آهن. هن چيو ته هن وقت تائين 2 ايمرجنسي ڪالز موصول ٿيون آهن. جڏهن ته جن علائقن ۾ پاڻي جمع ٿيو آهي، اتي صورتحال معمول موجب آهي. هن وڌيڪ چيو ته ٽريل ون برگيڊ ضلعي انتظاميا سان رابطي ۾ آهي ۽ نالا لئي، گوالمنڊي جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ پاڪ فوج کي مقرر ڪيو ويو آهي، سمورا ادارا ضلعي انتظاميا جي مدد ڪري رهيا آهن. سندس چوڻ هو ته ڪنهن به قسم جي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. جڏهن ته ضلعي انتظاميا سان گڏجي هيٺاهين وارن علائقن مان پاڻي ڪڍڻ جو آپريشن جاري آهي. هن چيو ته تعليمي ادارن ۾ موڪل جو اعلان سٽي وارن علائقن لاءِ ڪيو ويو آهي، عام شاهراهن تي به پاڻي جمع آهي، جنهن سبب ٻارن کي اسڪول اچڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي سگهي ٿي.

بقايا *** 24

کان مٿي ٿي وئي آهي، راولپنڊي ۾ نالا لئي تي گوالمنڊي جي چوڌاري فوج کي طلب ڪيو ويو آهي. ڊپٽي ڪمشنر ڪيپٽن (ر) نديم ناصر موجب، راولپنڊي ۾ 200 ملي ميٽر مينهن رڪارڊ ڪيو ويو آهي. گذريل 3 سالن ۾ اڄ سڀ کان وڌيڪ برسات رڪارڊ ڪئي وئي، هن چيو ته برسات جو نالي لئي تي سڀ کان وڌيڪ اثر پيو آهي، هن وقت ڪٽاريان ۾ پاڻي جي سطح پنهنجي بلند ترين سطح تي آهي. اهو گوالمنڊي کي متاثر ڪري رهيو آهي. صورتحال هڪ ڪلاڪ ۾ بهتر ٿيڻ شروع ٿي ويندي. ڊپٽي ڪمشنر موجب، پاڪستان آرمي، ريسڪيو 1122 ۽ سڀئي ادارا موجود آهن. هاڻي تائين، اسان کي 2 ايمرجنسي ڪالون مليون آهن. جن علائقن ۾ پاڻي جمع ٿيو آهي، اتي اهو معمول آهي. پاڻي گڏ ٿي ويو آهي. ٽريل ون برگيڊ سان رابطي ۾ آهي. هن چيو ته تعليمي ادارن ۾ موڪل جو اعلان شهر جي علائقن لاءِ آهي، عام شاهراهن تي به پاڻي جمع آهي، ٻارن کي اسڪول وڃڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي سگهي ٿي. سڀئي ادارا ضلعي انتظاميا جي مدد ڪري رهيا آهن.

بقايا *** 25

ڪالوني ۾ دهشتگرد هجڻ جي اطلاع تي ڇاپو هنيو جتي ٻه طرفو فائرنگ ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو ۽ 2 دهشتگرد فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا مارجي ويل دهشتگرد بندش پيل تحريڪ طالبان پاڪستان جو ڇاڙتو آهي خبر موجب سي ٽي ڊي سول لائن آپريشن ۽ وفاقي حساس اداري جي اهلڪارن خداداد ڪالوني ويجهو ڇاپو هنيو ته دهشتگردن فائرنگ ڪري ڏني سي ٽي ڊي آپريشن ۽ اهلڪارن به ڏوهارين تي فائرنگ ڪئي جنهن ۾ هڪ دهشتگرد زخمي ٿي پيو زخمي دهشتگرد کي اسپتال نيو پئي ويو ته هو سفر دوران زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو مارجي ويل دهشتگرد جو لاش قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته 2 دهشتگرد فرار ٿي ويا مارجي ويل دهشتگرد زخمي حالت ۾ پنهنجو نالو مطيع ٻڌايو هو سڃاڻپ جي حوالي سان بايوميٽرڪ جو عمل جاري آهي مارجي ويل دهشتگرد وٽان هڪ 9 ايم ايم پسٽل گولين سميت مليو آهي واقعي واري هنڌ تان ٻين هٿيارن جا خول هٿ ڪيا ويا آهن دهشتگرد جو تعلق تحريڪ طالبان پاڪستان سان آهي.

بقايا *** 26

يڪ ۾ شنگهائي تعاون تنظيم جي مملڪتي سربراهن جي اجلاس کان اڳ گرم جوشي واري ماحول تي مختلف خيالن جي ڏي وٺ ٿي ٻنهي پرڏيهي وزيرن رابطي جي اهميت جو ورجاءُ ڪيو محمد اسحاق ڊار ان موقعي تي ڳالهائيندي خطي ۾ امن امان لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري کي اڳتر قرار ڏيندي چيو ته جون 2026 جي اسلام آباد مفاهمتي ياداشت تي تڪرار جي ٻنهي ڌرين پاران مخلصاڻو عمل واحد رستو آهي.

بقايا *** 27

سان ڪاميابي لاءِ منزلون طئي ڪري رهيو آهي هي هائوسنگ هڪ خاندان لاءِ ڇت ،مزدورن لاءِ روزگار ۽ پاڪستان جي پائيدار جامع معاشي ترقي جو ضامن بڻجي چڪو آهي اڳاري تي سماجي رابطي جي ويبسائيٽ ايڪس تي هن چيو ته جون 2026 کان پوءِ هن اسڪيم تحت هائوسنگ فنانسنگ جي فراهمي اڏاوتي شعبي ۾ تاريخي اڳڀرائي نظر آئي جنهن ملڪ جي اقتصادي منظرنامي کي موڙ ڏنو آهي رڳو ٻن مهينن جي مختصر عرصي ۾ پروگرام تحت رقم جي ادائگين ۾ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو هن چيو ته اسڪيم تحت منظور ٿيندڙ قرضن جو انگ واڌ سان 52600 کان وڌي چڪو آهي منظور ٿيل فنانسنگ جي ڪل رقم 116 سيڪڙو جي واڌ کان پوءِ 312 ارب رپين تائين پهچي وئي هن چيو ته هن وقت تائين 8600 کان وڌيڪ خاندانن کي قرض جاري ٿي چڪا آهن عملي طور تي هائوسنگ سيڪٽر ۾ منتقل ٿيندڙ رقم 118 سيڪڙو واڌ سان 45 ارب روپين تائين پهچي چڪي آهي جيڪا اڏاوتي ڪمن ۾ استعمال ٿي رهي آهي هن چيو ته هن پروگرام جا اثر ذاتي گهرن تائين محدود ناهن پر هائوسنگ فنانسنگ ۾ تيزي پاڪستان جي ڪل معيشت لاءِ گيم چيمبر ثابت ٿي رهي آهي آسان شرطن تي قرض ڏيڻ سان ملڪ ۾ اڏاوتي سرگرمين کي هٿي ملي رهي آهي جنهن سبب نئيون عمارتون، سامان جي گهرج وڌندي پئي وڃي.

بقايا *** 28

ت موجب ترميمون ڪرڻ ۾ ڪو به حرج ناهي، پر خراب حڪمراني يا ڪرپشن کي جواز بڻائي صوبي جي ورهاست جي اجازت نه ڏني ويندي. سنڌ جي ورهاڱي واري سوال تي پ پ ايم پي اي سردار خان چانڊيو چيو ته، "بروچ آهيان پر منهنجو مرڻ جيئڻ سنڌ سان آهي." ٻئي پاسي اسيمبلي اجلاس ۾ خطاب ڪندي ايم ڪيو ايم اڳواڻ اعجاز الحق چيو ته، "سنڌي اسان جا ڀائر آهن، سنڌي اسان جا محسن آهن. توهان اسان کي ڇو ٿا وڙهائڻ چاهيو؟" هن چيو ته، "اسان ڪڏهن به سنڌي مخالف نٿا ٿي سگهون، اسان کي گنهگار نه بڻايو"

بقايا *** 29

تي جاري ڪيل بيان ۾ اياز لطيف پليجي چيو ته رشوت کي خرچي پاڻي کي منتقلي ۽ لجالت کي زيادتي سڏڻ جهڙيون سازشون بند ڪيو سنڌين کي جاهل نه سمجهو اوهان کي سڃاڻون ٿا

بقايا *** 30

ي جي سازش قرار ڏنو آهي. پنهنجي بيان ۾ نواز خان زئور چيو ته هو ڊاڪٽر قادر مگسي کي هڪ سنجيده سياستدان سمجهي ٿو، پر سنڌ جي وحدت سان لاڳاپيل معاملن تي تمام گهڻي ذميواري ۽ سياسي بصيرت آهي. جسقم چيئرمين چيو ته سنڌ جو مقابلو لنڊن، استنبول يا دبئي سان نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته اتان جا اختيار پنهنجن قومن وٽ آهن، جڏهن ته سنڌ جو سياسي اقتدار اعليٰ بالادست قوتن وٽ آهي. نواز خان زئور چيو ته ڪراچي کي گهڻين ڊويزنن ۾ ورهائڻ جو جواز الڳ صوبي يا سڌي وفاقي ڪنٽرول لاءِ سنڌ دشمن قوتن کي فائدو ڏيندو هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڌ اسان جو ناقابل تقسيم وطن آهي، ان ڪري نوان انتظامي يونٽ، نوان صوبا يا سڌي وفاقي ڪنٽرول جون سڀئي شڪليون رد ڪري سنڌ جي وحدت جو دفاع ڪيو وڃي.

بقايا *** 31

ايو آهي بشڪيڪ ۾ ٿيندڙ ايس سي او سربراهي اجلاس ۾ ايراني صدر پنهنجي تقرير ۾ پاڪستان جي امن لاءِ ڪاوش کي ساراهيو ايراني صدر چيو ته پاڪستان امن لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو جڏهن ته مسعود پزشڪيان اسلام آباد ڳالهين جو ذڪر ڪيو هن چيو ته دنيا ۾ امن لاءِ اسلام آباد ڳالهين جو ڪردار هميشه ياد رکيو ويندو ٻئي پاسي وزيراعظم شهباز شريف چين ۽ روس جي صدر جي وچ واري سيٽ تي موجود آهي.

بقايا *** 32

تح آهي هڪ بيان ۾ هن چيو ته عالمي عدالت واضح ڪري ڇڏيو آهي ڀارت سنڌ طاس معاهدي کي هڪ طرفي طور ختم نٿو ڪري سگهي هي معاهدو بدستور ڀارت طور تي پابند آهي ۽ ڀارت وڏي وزير چيو ته معاهدي ۾ ترميم يا خاتمو گڏيل رضامندي سان ممڪن آهي هن چيو ته پاڪستان جي آبي حقن جي تحفظ لاءِ قانوني ۽ سفارتي فورم تي بهتر ڪردار ادا ڪندو رهندو

بقايا *** 33

جي ميڊيا ڪوريج ۽ ٽريڊ يونين جي صورتحال بابت هڪ سيمينار منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ صحافين، دانشورن ۽ مختلف شعبن سان لاڳاپيل شخصيتن شرڪت ڪئي سيمينار کي خطاب ڪندي ڪراچي يونين آف جرنلسٽ طاهر حسن چيو ته مزدورن جي مسئلن تي ميڊيا ۾ گهربل سطح تي خبرون ۽ رپورٽون شايع يا نشر نٿيون ڪيون وڃن، جيڪو هڪ انتهائي سنجيده مسئلو آهي. هن چيو ته ميڊيا مالڪن جون ترجيحون ۽ ادارن جا ڪاروباري مفاد ڪيترن ئي موقعن تي مزدورن جي مسئلن کي ميڊيا ۾ مناسب جڳهه نه ملڻ جو سبب بڻجن ٿا طاهر حسن وڌيڪ چيو ته ميڊيا مالڪ هاڻي گهڻو ڪري پنهنجي مفادن کي سامهون رکي ڪم ڪن ٿا، جڏهن ته ڪيترن ئي خبرن جي اشاعت ۽ نشريات تي مختلف قسمن جو دٻاءُ پڻ هوندو آهي. هن چيو ته هارين ۽ زرعي شعبن سان لاڳاپيل خبرن کي به ڪيترن ئي موقعن تي

بقايا *** 34

آهي ملڪ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ انتظامي بنيادن تي وڌيڪ صوبا ۽ ٽيون بلدياتي نظام قائم ڪرڻو پوندو ديلس آمد تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته نون صوبن ، ڪراچي جي سياسي ۽ انتظامي حيثيت ، پ پ جي سنڌ حڪومت ايم ڪيو ايم جي ووٽ بينڪ جماعت جي ورهاست ۽ تازين چونڊن بابت سوالن جا جواب ڏنا نوان صوبا ٺهڻ بابت جواب تي هن چيو ته هن معاملي تي رڳو شور قرار ڏيڻ درست ناهي آبادي وڌڻ سان انتظامي ٽنبن ۾ به اضافو ٿيڻ گهرجي جهڙي نموني نوان ضلعا ۽ ڊويزن ٺاهيا وڃن ٿا اهڙي طرح صوبن جو تعداد وڌائڻ تي ڳالهيون ٿين هن چيو ته پاڪستان کي وفاقي ۽ صوبائي حڪومت سان مضبوط حڪومت جي ضرورت آهي جيئن اختيارن ۽ جمهوريت جي ثمر شهرين تائين پهچي سگهن هن موجوده 4 صوبن بيج ڍانچي تي تنقيد ڪندي دعوي ڪئي ته لساني بنيادن نه ٿين هن دعوي ڪئي ته ايم ڪيو ايم جي ڪارڪن هاڻي به گڏ آهي جيڪي ماڻهون جبر سبب الڳ ٿيا حالتون تبديل ٿيڻ تي هاڻي به گڏ ٿي سگهن ٿا 2018 جي عام چونڊن جي حوالي سان هن چيو ته ايم ڪيو ايم سان انتخابي ناانصافي ٿي انهن جون ڪيئي سيٽون کسيون ويون سوال ڪيو ته ڇا الطاف حسين کان پوءِ ايم ڪيو ايم سندو اڳتي وڌي رهي آهي هن جواب ڏيڻ بدران چيو ته ايم ڪيو ايم ڪنهن سياسي خاندان جي جماعت ناهي بلڪ نظرياتي تحريڪ آهي هي هڪ نظرياتي جماعت هئي ۽ ڪارڪن ان کي هلائي رهيا آهن

بقايا *** 35

ڏي وٽ ۾ ٻن آفيسرن ۽ ڪسٽم جي هڪ سرڪاري اهلڪار سميت 6 بهادر اهلڪار شهيد ٿي ويا آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب 31 آگسٽ ۽ پهرين سيپٽمبر جي وچ واري رات نوڪنڊي، ضلع چاغي ۽ زيارت ڪراس، ضلع پشين ۾ دهشتگردن جي خلاف موثر ڪارروايون ڪيون ويون 31 آگسٽ تي فتنه الهندستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن اين_40 ڪوئيٽا تفتان شاهراهه تي مسافرن جي وهو آئي برداشت ڪرڻو پيو ڪسٽم هائوس تي حملو دهشتگردي جي ڏوهن جي گٺ جوڙ جي نشاني هو جنهن جو مقصد ڪسٽم اختيارين کي قانوني فرض انجام ڏيڻ کان روڪڻ ۽ علائقي ۾ ڏوهاري پيشه ور سرگرمين جي تسلسل کي يقيني بڻائڻ هو فائرنگ جي ڏي وٽ دوران ملڪ جي 6 بهادر جوانن شهادت ماڻي جن ۾ 2 آفيسر ۽ ڪسٽم کاتي جو هڪ سرڪاري اهلڪار به شامل آهي. ڀرپاسي جي علائقن ۾ ٻين دهشتگردن جي خاتمي ۽ مقامي آبادي سميت اهم قومي روڊن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ڪليئرنس ۽ سينيٽائيزيشن آپريشن جاري آهي وفاقي ايپڪس ڪميٽي نيشنل ايڪشن ايڪشن پلان جي منظوري سان شروع ڪيل ويزن عزم استحڪام جي تحت دهشتگردي جي خلاف ڪنهن فرق جي مهم پوري طاقت ۽ ارادي سان جاري رهندي. سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي ۾ دهشتگردي جي ناسور جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهن.

بقايا عوامي سوچ 01

۾ دربتول امام بارگاهه کان هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي، جنهن جي نگراني محمد علي رند، احمد رند، اقبال رند، بابو جان هنگورجو، گلبهار ملاح، مجيد ڪنيار، آصف ملاح، مهراڻ رند ۽ پپو ملاح ڪئي. ريلي ۾ ننڍڙن ٻارن، نوجوانن ۽ بزرگن سميت وڏي انگ ۾ مؤمنن ۽ عقيدتمندن شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن پاران "لبيڪ يا رسول الله صہ"، "آمدِ مصطفيٰ صہ مرحبا" ۽ "آقا جي آمد مرحبا" جا نعرا بلند ڪيا ويا. جڏهن ته عقيدتمند جوش ۽ جذبي سان نعرا هڻندا ريلي ۾ شريڪ رهيا. ريلي پنهنجي مقرر ڪيل روٽ مطابق شهر جي مک گهٽين مان ٿيندي مين روڊ تي پهتي، جتان واپس دربتول امام بارگاهه پهچي اختتام پذير ٿي. ان کان پوءِ جشنِ ميلاد مصطفيٰ صہ جي سلسلي ۾ ٺٽي شهر مان آيل مشهور نعت خوانن لالا حسيني، زوهيب ساٿي، شاهد باهي، شڪيل باهي ۽ مقامي نعت خوان احمد رند پاران خوبصورت نعتون ۽ منقبتون پيش ڪيون ويون، جن سان محفل ۾ موجود عقيدتمندن جي دلين ۾ روحاني جذبو پيدا ٿيو ۽ محفل نعت خواني سان گونجي اٿي. جشن جي آخر ۾ آقا دوجهان حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي آمد جي خوشي ۾ عقيدتمندن پاران ڪيڪ ڪاٽي "مرحبا يا مصطفيٰ صہ" جا نعرا بلند ڪيا ويا، جڏهن ته ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، امن ۽ خوشحالي لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون

بقايا عوامي سوچ 02

هٿ آيو آهي، جنهن بعد وارثن پاران ڪيس قتل ڪرڻ جو شڪ ظاهر ڪندي واقعي جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. رپورٽن موجب رات دير سان ڪجهه راهگيرن درگاهه احمد شاهه بخاري ويجهو هڪ لاش پيل ڏٺو، رولو ڪتا لاش کي نقصان پهچائي رهيا هئا. راهگيرن فوري طور وارثن ۽ پوليس کي اطلاع ڏنو. اطلاع ملڻ بعد پوليس ۽ وارث واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو. وارثن جو چوڻ آهي ته واقعي بابت کين قتل جو شڪ آهي، تنهن ڪري معاملي جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ ڪرائي حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ جيڪڏهن قتل ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. پوليس طرفان واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 03

جشن عيد ميلاد النبي صہ ۽ جشن ولادت با سعادت حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام جا پرنور ۽ عظيم الشان جلسا مرڪزي مرتضوي امام بارگاهه ۽ يادگارِ ڪربلا امام بارگاهه ۾ منعقد ڪيا ويا. جشنِ صادقين کي نامور خطيب علامہ سيد محمد عباس شاهه، مولانا فيروز علي مري، مولانا عبدالحڪيم لاشاري، زوار محمد حسين چانڊيو، مولانا مشتاق حسين مري ۽ آصف حسين الحسيني خطاب ڪيو، جڏهن ته نامور ثناء خوانن سيد بابر حسين شاهه، برادرِ اهلسنت نعت خوان تابش محمود سلطاني، شاڪر چانڊيو، شاهد شاهه، سيد مهدي شاهه ۽ حافظ هادي بخش مري محمد و آل محمد صلیٰ الله عليہ وآلہ وسلم جي شان ۾ قصيدا ۽ نعت خواني ڪئي. جشنِ صادقين کي مقررين خطاب ڪندي چيو ته حضرت محمد مصطفيٰ صہ پوري انسانيت لاءِ رحمت بنجي تشريف آڻيا ۽ پاڻ سڳورن صہ جي سيرتِ طيبہ اسان لاءِ بهترين نمونو آهي. حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام علم، اخلاق، تقويٰ ۽ ڪردار ذريعي دينِ اسلام جي عظيم خدمت سرانجام ڏني. هنن چيو ته جشنِ ميلاد النبي صہ ۽ جشنِ ولادتِ امام جعفر صادق اسان کي محبتِ رسول صہ، اهلِ بيتِ اطهار سان وابستگي، اتحاد و وحدت ۽ ڀائپيءَ جو درس ڏين ٿا. امتِ مسلمہ سيرتِ رسول صہ ۽ تعليماتِ اهلِ بيت تي عمل پيرا ٿي معاشري ۾ امن، محبت ۽ اتحاد کي فروغ ڏئي سگهي ٿي. مرڪزي امام بارگاهه ۽ يادگارِ ڪربلا امام بارگاهه کي چراغان ڪيو ويو ۽ آخر ۾ مومنين ۾ نياز ۽ لنگر ورهايو ويو

بقايا عوامي سوچ 04

EC ميمبر ۽ اڳوڻي سينيئر صوبائي وزير تعليم پير مظهرالحق، پيپلز پارٽي دادو ضلعي جي صدر ۽ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق ۽ چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي دادو پير دانش علي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي تعزيتي بيان ۾ اڳواڻن چيو ته قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي کين سخت صدمو پهتو آهي. هنن فائرنگ واري واقعي ۾ مارجي ويلن جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو ته ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ هو متاثر خاندانن سان برابر جا شريڪ آهن. پير مظهرالحق، بئريسٽر پير مجيب الحق ۽ پير دانش علي چانڊيو برادري جي ٻنهي ڌرين کي اپيل ڪئي ته هو تحمل، بردباري ۽ صبر کان ڪم وٺن ۽ وڌيڪ خونريزي کان پاسو ڪندي صلح ۽ امن جو رستو اختيار ڪن. هنن چيو ته ڪنهن به صورت ۾ وڌيڪ انساني جانيون ضايع نه ٿيڻ گهرجن. پيپلز پارٽي دادو ضلعي جي صدر بئريسٽر پير مجيب الحق چيو ته قبائلي تڪرارن جي خاتمي ۽ علائقي ۾ امن امان جي قيام لاءِ سيني ڌرين کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. انساني جانين جو تحفظ ۽ علائقي ۾ امن قائم رکڻ اسان سيني جي گڏيل ذميواري آهي. هن عوام کي پڻ پرامن رهڻ جي اپيل ڪندي چيو ته ٻنهي ڌرين کي اشتعال کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن به اهڙي قدم کان پاسو ڪيو وڃي، جنهن سان صورتحال وڌيڪ خراب ٿئي. هن اميد ظاهر ڪئي ته ڌريون صبر ۽ سمجهداري جو مظاهرو ڪندي تڪرار کي ختم ڪري امن ڏانهن موٽنديون

بقايا عوامي سوچ 05

مائونٽين ڪلائمبنگ جو مقابلو پڻ ڪرايو ويو، جنهن ۾ 150 کان وڌيڪ مرد ۽ عورتن حصو ورتو. ان کان علاوه تاريخي گوري مندر وٽ ٻارن لاءِ باٽا، گابري، ونج وٽي، ڪوڏي ڪوڏي ۽ ملاکڙو سميت مختلف روايتي راندين جا مقابلا ڪرايا ويا. تقريب ۾ اڳوڻي سيڪريٽري اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز عبدالعليم لاشاري، ڊي جي ڪلچر حبيب الله ميمڻ ۽ ڊائريڪٽر ڪلچر هدايت الله راڄڙ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. اسپورٽس آفيسر واشديو مالهي مهمانن جو استقبال ڪندي کين ٿرجي روايتي اجرڪ ۽ شال جا تحفا پيش ڪيا. راندين ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ٻارن ۽ رانديگرن ۾ انعام ورهايا ويا. ان موقعي تي ڪاتي پاران ٿرپارڪر ۾ ايڊوينچر اسپورٽس کي هٿي وٺرائڻ لاءِ مستقبل ۾ وڏي پيماني تي مائونٽين ڪلائمبنگ ڪرائڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 06

پاڪستاني وسڪي هٿ ڪئي وئي آهي. پوليس ذريعن موجب گرفتار ٿيل جوابدار جي سڃاڻپ گيمرو ميگهواڙ طور ٿي آهي. جيڪو ساڪري جو رهواسي ٻڌايو وڃي ٿو. ٻئي طرف علائقي واسين جو چوڻ آهي ته ڏانوڏاندل ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ مبينا طور سرعام منشيات جي وڪري جو ڪاروبار جاري آهي. ذريعن موجب رميش اگراڻي نالي هڪ مبينا منشيات ڊيلر پاران هرجن ڪالوني ۾ سرعام منشيات ۽ سفينا آڏا منو گٽو هلائڻ جا الزام پڻ سامهون آيا آهن. شهرين پوليس ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته منشيات جي وڪري خلاف وڌيڪ سخت ڪارروائي ڪري نوجوان نسل کي هن ناسور کان بچايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 07

پريس ڪانفرنس ڪندي سليم سمون پاران سنڌن خلاف لڳايل الزامن کي بي بنياد ۽ حقيقتن جي ابتڙ قرار ڏيندي ايس ايس پي ٺٽو سميت اعليٰ اختيارين کان معاملي جي صاف ۽ شفاف جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. پريس ڪانفرنس دوران رضا محمد سمون چيو ته سليم سمون پاران سنڌن خلاف مختلف وقتن تي الزام لڳايا پيا وڃن، جيڪي سراسر بي بنياد آهن. هن دعويٰ ڪئي ته ڪجهه عرصو اڳ سليم سمون سان سنڌن تڪرار دوران مبينا فائرنگ جو واقعو پيش آيو، جنهن ۾ منير سمون گولين لڳڻ سبب زخمي ٿيو ۽ بعد ۾ مستقل معذوري کي منهن ڏيڻو پيو. رضا محمد سمون موجب، معاملي کي راڄ جي چڱن مڙسن جي اڳواڻي ۾ ٿيل فيصلي ذريعي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن تحت سليم سمون کي ڳوٺ مان نيڪالي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هن الزام لڳائيندي چيو ته ان فيصلي کان پوءِ به سليم سمون مختلف طريقن سان مٿن الزام لڳائي رهيو آهي ۽ کين مبينا طور جاني نقصان جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن. هن چيو ته روزاني بنياد تي سنڌن خلاف الزام لڳڻ سبب خاندان ۾ خوف ۽ بيچيني واري صورتحال پيدا ٿي رهي آهي. هن ايس ايس پي ٺٽو، ڊي آءِ جي ۽ آءِ جي سنڌ سميت لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي غيرجانبدار ۽ شفاف انڪوائري ڪرائي سموري حقيقت عوام آڏو آندي وڃي. رضا محمد سمون وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن سنڌن خلاف ڪنهن به قسم جون شڪايتون يا الزام آهن ته انهن جي قانون موجب جاچ ڪئي وڃي، جڏهن ته بي بنياد الزامن جو سلسلو پڻ روڪيو وڃي. هن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته کين ۽ سنڌن خاندان کي مبينا ڌمڪين کان تحفظ فراهم ڪري انصاف ۽ قانون جي بالادستي يقيني بڻائي وڃي

بقايا عوامي سوچ 08

جو مطالبو. ان سلسلي ۾ پيئڻ جي پاڻي کان محروم ٻٽيل ڪوهستاني ڳوٺن جي ڪيترن ئي متاثر ڳوٺاڻن ڪوهستاني محمد انور جاکرو، حاجي ولو جاکرو، حاجي گل حسن جاکرو، بابو غريبو، مير محمد، رشيد پالاري، جمشيد ۽ ٻين ڏانهينڊي چيو آهي ته ڪوهستاني ڳوٺ وڏيرو وکيو جاکرو ۾ پبلڪ هيلٿ کاتي ٺٽي طرفان 2012 ۾ 29 کان مٿي ڪوهستاني ڳوٺن کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ واٽر سپلاءِ جوڙائي وئي، جيڪا مڪمل ٿيڻ بعد مذڪور ڳوٺن تائين پاڻي به پهچائي ناهي سگهي، جنهن کي ٻيهر 2026 ۾ بحال ڪري ڪم شروع ڪيو ويو آهي، پر هاڻي 29 ڳوٺن مان صرف 4 ڳوٺن کي پاڻي ڏين ٿا، جڏهن ته 25 ڳوٺن پيئڻ جي پاڻي کان محروم بڻجي ويندا، جيڪا ساڻن وڏي ناانصافي آهي. هنن چيو ته بااثر ٺيڪيدار هڪ طرف ڪم ۾ ناقص مٽيرل پيو استعمال ڪري ته ٻئي طرف انهن ڳوٺن ۾ پاڻي پيو ڏئي جتي اڳ ئي انهن ڳوٺن ۾ پاڻي جا بور لڳل آهن. هنن چيو ته هتان جي ڪوهستاني ڳوٺن کي صحت، تعليم، روڊ، رستي، بجلي، سوئي گئس، روزگار سميت ڪا بنيادي سهولت ميسر ناهي ۽ نه ئي سنڌن ڳوٺ پڪا ٿي سگهيا آهن ۽ نه ئي زبون حال اسڪول بلڊنگس جي نه مرمت ٿي سگهي آهي ۽ نه ئي اسڪولن کي فرنيچر ملي سگهيو آهي، جنهن ڪري اڪثر ٻارڙا فرنيچر نه هجڻ ڪري پٽ تي ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور بڻيل آهن. ان ڪانسواءِ ڪوهستاني پٽي جي زمينن تي غير قانوني قبضن توڙي والارن جو سلسلو پڻ جاري آهي، جنهن کي پڻ ٻنجواچي ناهي سگهيو. هنن ڊي سي ٺٽو، چونڊيل نمائندن سميت سمورن وس وارن کي گهر ڪئي ته فورن ڳوٺ وڏيرو وکيو جاکرو جي واٽر سپلاءِ جي ڪم کي مڪمل ڪري سمورن ڳوٺاڻن کي پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪري پريشاني کان بچائي ڪوهستاني سمورا ڳوٺ پڪا ڪري کين روزگار سميت سموريون بنيادي سهولتون مهيا ڪري پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 09

ٺٽي جي معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب دوران اسڪول جي شاگردن ۽ شاگرديائين بارگاهِ رسالت صہ ۾ عقيدت ۽ محبت سان نعتون پيش ڪيون، جڏهن ته "سرڪار جي آمد مرحبا، مرحبا" جا نعرا گونجندا رهيا ۽ سڄو اسڪول درود و سلام ۽ محبتِ رسول صہ جي جذبن سان سرشار ٿي ويو. تقريب ۾ يوسي هوٽ فقير رند جي چيئرمين ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول گامڻ خان رند جي نيڪ مرد محترم جناب رجب علي رند صاحب سميت ٻين ڳوٺاڻن پڻ شرڪت ڪئي ۽ اسڪول انتظاميا جي ڪاوشن کي ساراهيو. ان موقعي تي اسڪول جي هيڊماسٽر استاد جمن علي سولنگي صاحب، استاد عبدالحق ساقي صاحب، استاد امان الله برهماڻي، استاد عالمگير شاهاڻي، استاد عبدالفتاح رند، استاد ڪرم علي شاهاڻي، استاد منور علي رند استاد بشير بروهي سيد عبدالنبي شاهه محمد اڪرم امير گل محبت ڏاهري امام علي بروهي جنگو رند زوار فيروز رند راضي فقير رند مصائب رند ساجد علي رند ۽ ٻين استادن پڻ شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي استادن چيو ته حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي پاڪ سيرت ۽ اعليٰ اخلاق اسان سيني لاءِ بهترين نمونو عمل آهن. نبي پاڪ صہ جي تعليمات تي عمل ڪندي اسان پنهنجي معاشري ۾ محبت، امن، ڀائيچاري، انصاف، سچائي ۽ انسانيت جي خدمت کي فروغ ڏئي سگهون ٿا. مقررن وڌيڪ چيو ته جشنِ عيد ميلادالنبي صہ ملهائڻ جو مقصد صرف خوشي جو اظهار نه، پر نبي ڪريم صہ جي سيرتِ پاڪ، اخلاقِ حسنہ ۽ انسانيت لاءِ ڏنل عظيم پيغام کي عام ڪرڻ پڻ آهي. آخر ۾ ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، امن، خوشحالي ۽ اسڪول جي شاگردن جي روشن مستقبل لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون. تقريب انتهائي عقيدت ۽ احترام سان پڄاڻي تي پهتي

بقايا عوامي سوچ 10

ت ٺٽو جي قيام کي ٻه سال مڪمل ٿيڻ تي ايوانِ صحافت ٺٽو جي صدر علي اڪبر دلواڻي پاران سمورن ميمبرن جي مان ۾ ماني جو اهتمام ڪيو ويو. ان موقعي تي ايوانِ صحافت ٺٽو جي ٻي سالگرهه جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو. تقريب ۾ وڏيرو محمد عرس گندرو، سرپرستِ اعليٰ نظير احمد قريشي، انيس هيلايو، نثار احمد گندرو، وهريش ڪمار يارو، نواب شفيق عابداڻي، ارشاد عمر گندرو، سيد شير علي شاهه ڪاظمي، لالا شعيب عظيم خان، محمد موسيٰ سبزپوش، عبدالحميد چند، واحد شورو، زاهد شيخ، عزيز شيخ، شهريار صديق، قربان مگسي، ايوب درس، جهانگير دلواڻي سميت ايوانِ صحافت ٺٽو جي ميمبرن ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ايوانِ صحافت ٺٽو جي ٻن سالن جي صَحافتي سفر کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته ادارو مستقبل ۾ پڻ صحافين جي حقن ۽ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو.

بقايا عوامي سوچ 11

پٽي ۽ ٻين پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ اسيمبلي جي فلور تان سنڌ ورهائڻ جون ڳالهيون بحث نه پر بڪواس آهن. اهڙيون ڳالهيون سنڌ جي عوام جي جذبن سان کيڏڻ برابر آهن. سنڌ جي ورهاڱي واري ڪنهن به رٿ کي مڪمل طور رد ڪريون ٿا ۽ اهڙين سازشن خلاف سخت مزاحمت ڪندي پرامن جمهوري جدوجهد جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو. هنن چيو ته پيپلز پارٽي اقتدار جي لالچ ۾ سنڌ جي ورهاڱي واري سوچ کي سنڌ اسيمبلي ۾ بحث لاءِ آڻي سنڌ سان غداري ڪئي آهي، جنهن سان سنڌ جي عوام ۾ سخت بيچيني ۽ ڪاوڙ پيدا ٿي آهي. ڪراچي کان ڪشمور ۽ ڪاڇي کان ڪينجهر تائين سنڌ جي عوام جو هڪ ئي آواز آهي ته سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو. سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته قومي عوامي تحريڪ جي قائد اياز لطيف پليجو جو سگهارو آواز هميشه سنڌ جي حقن لاءِ بلند رهندو. سنڌس شعوري ۽ جمهوري جدوجهد سنڌ جي مختلف طبقن ۽ فڪري سوچن کي هڪ طاقت ۾ تبديل ڪري سنڌ خلاف ٿيندڙ هر سازش جو رستو روڪيندي. هنن چيو ته سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد هر سطح تي جاري رکي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 12

عبدالغفار ٻجورو، پيار علي جلالاڻي، تنوير بلوچ، ذيشان گهراڻو، محمد علي بلوچ، شهباز سمون، عبدالحنان جلالاڻي، اسد علي ۽ ٻين شاگردن پاران سرور ڪائنات صلي الله عليہ وسلم جي بارگاهه ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪندي سيرت نبي صلي الله عليہ وسلم جي موضوع تي تقريرون پڻ ڪيون. جڏهن ته ٻارڙن وچ ۾ رسول الله جي سوانح حيات متعلق سوال جوابن جا مقابلا به ڪرايا ويا. تقريب کي ڊي اِي او سيڪنڊري حضور بخش خاصخيلي، سياسي، سماجي شخصيت حاجي حنيف ميمڻ(صابوگر)، پ ٽ الف ٺٽو سٽي جي صدر غلام مصطفيٰ مينگل، ٽي اِي او پرائمري سيد هاشم شاهه، هيڊ ماسترن محمد بلال اڪرم، امتياز علي، استادن حاجي وزير راٺوڙ، عبدالستار سرائي، سيد راحل شاهه، شڪور احمد ميمڻ، جاويد گل ممپائي، محمد اڪرم قريشي، اياز سومرو، اياز علي، امام علي، قاسم پناڻ، آفاق احمد، رحمان، اريب، غلام محمد جوکيو، ابراهيم بلوچ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته رسول الله صلي الله عليہ وسلم سموري انسان ذات جا محسن بڻجي آيا، پاڻ سڳورن جهالت جو خاتمو ڪري جڳ ۾ علم جو نور ڦهلايو ۽ علم جي حاصلات کي مرد توڙي عورت تي فرض ڪيو. هنن چيو ته نبي ڪريم سهپ، رواداري، مساوات، محبت ۽ رواداري جو درس ڏنو. هنن چيو ته سيرت النبي زندگي جي هر شعبي ۾ رهنمائي ڪري ٿي. ان موقعي تي ٻارڙن پاران سنڌ ۽ ملڪ جي خوشحالي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي.

بقايا عوامي سوچ 13

ل پل جي مرمت جو ڪم شروع انجنيئر پهچي جائزو ورتو. چوهڙجمالي: چوهڙجمالي کان شاهبندر ۽ ڪاروچاڻ ڏانهن ويندڙ اهم مين روڊ تي ستاهه واهه جي ٽٽي زبون حال تي ويل پل بابت چوهڙجمالي پريس ڪلب پاران لاڳيتو خبرون هلائڻ ۽ مسئلي کي اجاگر ڪرڻ واريون ڪوششون آخرڪار رنگ لاتو. ان سلسلي ۾ صوبائي وزير فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ محمد علي خان ملڪاڻي سخت نوٽيس ورتو، جنهن کان پوءِ آبپاشي اختيارين کي پل جي مرمت ۽ بحالي لاءِ فوري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون. صوبائي وزير جي نوٽيس ۽ هدايتن کان پوءِ ستاهه واهه جي ٽٽي ويل پل جي مرمتي ڪم جو باقاعده آغاز ڪيو ويو آهي جڏهن ته آبپاشي انجنيئر سڄاول عملي سان گڏجي پل واري هنڌ پهچي پل اڳيان مٽي جا ڊمپر لهرائي پنهنجي نگراني ۾ ڪم شروع ڪرايو. ٻئي طرف پل جو ڪم شروع ٿيڻ سان علائقي واسين ۾ خوشي جي لهر پکڙجي وئي آهي. ياد رهي ته ستاهه واهه جي هيءَ پل گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان ٽٽل ۽ انتهائي خطرناڪ حالت ۾ هئي، جنهن سبب شاهبندر، ڪاروچاڻ ۽ پرپاسي جي علائقن ڏانهن ويندڙ ننڍين توڙي وڏين گاڏين جي آمدرفت سخت متاثر ٿي رهي هئي. پل جي خراب حالت سبب ڪنهن به وقت وڏو حادثو پيش اچڻ جو خدشو پڻ موجود هو ٻئي طرف هتان جي رهواسين صوبائي وزير محمد علي خان ملڪاڻي جو شڪريو ادا ڪيو آهي

بقايا عوامي سوچ 14

نگ لسٽ پڌري نه ٿيڻ خلاف نوجوانن محمد رفيق لند، عبدالرؤف رستماڻي، امير ڪوسو، اياز علي جمالي، تنوير احمد راجپوت ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نيشنل پريس ڪلب بدين اڳيان سخت احتجاج ڪيو ۽ لاڳاپيل اختيارين خلاف نعريبازي ڪئي. احتجاج ڪندڙ نوجوانن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان سنڌ پوليس جي 2024 ع واري ڀرتي دوران ٽيسٽ ۽ انٽرويو ڏنا، جنهن بعد ميرٽ لسٽ تحت پاس ٿيا آهيون، پر ان باوجود بدين ضلعي جي اميدوارن جي ويٽنگ لسٽ پڌري نه ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب پاس ٿيل نوجوانن ۾ سخت بيچيني ۽ مايوسي پکڙيل آهي. هنن الزام هڻندي چيو ته بدين ضلعي ڪانسواءِ سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ ويٽنگ لسٽون جاري ڪيون ويون آهن، جڏهن ته بدين ضلعي جي ايس ايس پي وٽ ويٽنگ لسٽ موجود هجڻ باوجود ان کي سرڪاري طور پڌرو نه ڪيو پيو وڃي. اميدوارن جو چوڻ هو ته ويٽنگ لسٽ ظاهر نه ٿيڻ سبب کين پنهنجي مستقبل بابت غيريقيني صورتحال کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. احتجاج ڪندڙن جو وڌيڪ چوڻ هو ته نوجوانن وڏي اميد سان سنڌ پوليس جي ڀرتي واري عمل ۾ حصو ورتو ۽ ميرٽ تي پاس ٿيڻ باوجود کين سنڌن حق کان محروم رکڻ سان سنڌن حوصلا شڪني ٿي رهي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته ڀرتي واري عمل ۾ شفافيت کي يقيني بڻائي بدين ضلعي جي ميرٽ تي پاس ٿيل اميدوارن جي ويٽنگ لسٽ بنا دير پڌري ڪئي وڃي. نوجوانن صوبائي گهرو وزير ضياءَ لنجار، آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي بدين کان پرزور اپيل ڪئي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ويٽنگ لسٽ سرڪاري طور جاري ڪئي وڃي، جيئن ميرٽ تي پاس ٿيل نوجوانن ۾ پکڙيل بيچيني ۽ مايوسي ختم ٿي سگهي ۽ کين سنڌن حق بابت واضح صورتحال سامهون اچي سگهي

بقايا عوامي سوچ 15

انتظام مڪمل ڪرڻ جي حوالي سان اڄ ڊسٽرڪٽ پوليو اريڊيڪيشن ڪميٽي جي گڏجاڻي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ ٿي. گڏجاڻي ۾ پوليو ٽمين جي مختلف علائقن ۾ وقت تي پهچڻ،مائڪرو پلان کي مڪمل رکڻ،فنگر مارڪنگ سميت رهجي ويل ٻارن ۽ ضلعي کان ٻاهر ويل ۽ انهن جي واپسي تي انهن کي ڦڙا پيارڻ واري انتظامن جو جائزو ورتو ويو. گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي ڊي سي چيو ته پوليو جو خاتمو ضروري آهي ۽ پنجن سالن تائين جي ڄمار جي هر ٻار کي پوليو کان بچاءَ جا قطرا پيارڻ انهن کي مستقل معذوري کان بچائي سگهجي ٿو.هن مهم دوران پوليو ورڪرس جي هر ڳوٺ ۾ موجودگي،مانيٽرنگ ۽ مهم جي سو سيڪڙو ڪوريج کي يقيني بڻائڻ جي پڻ هدايت ڪئي. ان موقعي تي گڏجاڻي کي بريفنگ ڏيندي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ۽ پوليو بابت فوڪل پرسن ڊاڪٽر پرت ڪمار سوني ٻڌايو ته ٿرپارڪر ضلعي ۾ 21 سيپٽمبر کان انسداد پوليو مهم شروع ڪئي پئي وڃي جيڪا 24 سيپٽمبر 2026 تائين جاري رهندي جنهن دوران ضلعي جي ڪل 3 لک 17هزار 171 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا قطرا پيارڻ جو حدف مقرر ڪيو ويو آهي ۽ ان مهم دوران ڪل 1384 ٽيمون حصو وٺنديون جن ۾ 1248 گشتي،72مقرر جڏهن ته ضلعي جي داخلي ۽ خارجي رستن تي 64 ٽيمون شامل آهن.هن وڌيڪ ٻڌايو ته مهم جي نگراني لاءِ 71 يوسي ايم اوز ۽ 289 ايريا انچارج مقرر ڪيا ويا آهن.هن اهو به ٻڌايو ته انسداد پوليو مهم لاءِ هاڻي کان ئي تياريون شروع ڪيون ويون آهن اميد آهي ته ان جا خاطر خواه نتيجا سامهون ايندا. گڏجاڻي ۾ ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز کان علاوه صحت،پي پي ايچ آءِ،پوليس،تعليم،سماجي ڀلائي کاتي سميت ٻين سرڪاري کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 16

تفصيل موجب روهڙي ويجهو پنڌي ٽاٽي جي حد ۾ قومي شاهراهه تي ڪنڌرا ريلوي پل پرسان رحيم يارخان کان سکر طرف ويندڙ مسافر ويگن اڳيان ويندڙ ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ ويگن ۾ سوار مسافر زخمي ٿي پيا زخمين ۾ پيرسن عورت ظهران زال وزير احمد جمالي،سنڌس پٽ آصف جمالي، 8 ورهين جو نينگر اختر جمالي، ويگن ڊرائيور 30 ورهين جو اشرف ولد نور محمد ۽ ٻيا مسافر زخمي ٿيا اطلاع ملڻ تي پنڌي پوليس فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي ويگن مان ڪڍي طبي امداد لاءِ تعلقا اسپتال روهڙي منتقل ڪيو اسپتال ذريعن موجب حادثي ۾ زخمي ٿيل ويگن ڊرائيور اشرف جي حالت ڳنڀير جوڳي هجڻ سبب کيس ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ٻين زخمين کي معمولي نوعيت جا زخم رسڻ سبب علاج فراهم ڪيو ويو پوليس موجب حادثي ڪانپوءِ ٽرالر ۽ مسافر ويگن کي تحويل ۾ ورتو ويو آهي جڏهن ته واقعي بابت جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 17

ٿيڻ کان تحفظ بابت سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس دادو ۾ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار ضلعي صلاحڪار صوبائي محتسب سنڌ غلام مصطفيٰ ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ منعقد ٿيو، جنهن ۾ يونيورسٽي جي فيڪلٽي ميمبرن، شاگرديائڻ، انتظامي ۽ معاون عملي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سيمينار ۾ سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس دادو جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيلا ناز سومرو، انفارميشن ٽيڪنالاجي شعبي جي پروفيسر ڊاڪٽر ڪلثوم پنهور، مهراڻ چانڊيو، سحر صبا فاطمہ جوڻيجو، علي اصغر ۽ سجاد شيخ سميت ٻيا پڻ موجود هئا. سيمينار جي شروعات تلاوتِ قرآن پاڪ ۽ نعتِ رسول سان ڪئي وئي. ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر ڪلثوم پنهور خطاب ڪندي ضلعي صلاحڪار غلام مصطفيٰ ميمڻ ۽ سنڌس ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ چيو ته ڪم ڪندڙ عورتن کي هراسان ٿيڻ کان تحفظ بابت قانوني آگاهي فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. صوبائي محتسب سنڌ جي ضلعي صلاحڪار غلام مصطفيٰ ميمڻ پنهنجي خطاب ۾ ڪم واري هنڌ هراسان ڪرڻ جي مختلف صورتن، سائبر اسٽاڪنگ، عورتن جي عزت ۽ وقار جي تحفظ ۽ قانوني حقن بابت شرڪت ڪندڙن کي تفصيلي آگاهي ڏني. هن ادارن اندر انڪوائري ڪميٽي جي قيام، جوڙجڪ، ذميوارين ۽ شڪايتن جي قانوني طريقيڪار بابت پڻ معلومات فراهم ڪئي. هن چيو ته هر اداري ۾ هراسان ڪرڻ بابت شڪايتن جي ازالي لاءِ مؤثر نظام جو هجڻ ضروري آهي. هراسان ڪرڻ جي واقعن تي خاموشي اختيار ڪرڻ بدران قانوني طريقيڪار تحت آواز اٿارڻ گهرجي. عورتن لاءِ محفوظ، باوقار، برابري ۽ احترام تي ٻڌل ڪم وارو ماحول فراهم ڪرڻ سيني جي گڏيل ذميواري آهي. سوال ۽ جواب جي نشست دوران شاگردن ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن پاران 2010 ع جي لاڳاپيل قانون بابت مختلف سوال ڪيا ويا، جن جا ضلعي صلاحڪار غلام مصطفيٰ ميمڻ تفصيلي جواب ڏنا ۽ شرڪت ڪندڙن کي قانوني حقن ۽ شڪايت جي طريقيڪار بابت وڌيڪ آگاهي ڏني. سيمينار جي پڄاڻيءَ تي شرڪت ڪندڙن آگاهي پروگرام کي انتهائي معلوماتي، ڪارائتو ۽ ڪامياب قرار ڏيندي ڪم واري هنڌ هراسان ڪرڻ خلاف قانوني طريقيڪار تي عمل ڪرڻ ۽ عورتن لاءِ محفوظ ماحول جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

بقايا عوامي سوچ 18

يڪس، بجلي ۽ گئس جي لوڊشيڊنگ خلاف ملڪ گير شٽر ڊائون هڙتال ڪئي ويندي، ان سلسلي ۾ جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ، ڊپٽي سيڪريٽري امداد الله بجاراڻي، دادو جي امير محمد موسيٰ ٻبر، ضمير چانڊيو ۽ سڪندر پنو دادو جماعت اسلامي جي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ملڪ اندر مهانگائي عوام جي چيلهه ڇڀي ڪري ڇڏي آهي، هر روز تيل ۽ پيٽرول جا نوان اگهه مقرر ڪري عوام مٿان معاشي بار وڌو پيو وڃي. هنن چيو ته جماعت اسلامي عوام سان ٿيندڙ ظلم، ڏاڍ ۽ جبر خلاف 3 سيپٽمبر تي سڄي ملڪ ۾ شٽر ڊائون هڙتال جو سڏ ڏنو آهي. سنڌ ۾ 14 ارب رپين جي ماليت جون 9 لک پوريون ڪٽڪ غائب ٿيڻ ۽ ڪرپشن جي ورچڙهڻ جا الزام لڳائيندي اڳواڻن چيو ته سنڌ جو نوجوان روزگار لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي، جڏهن ته آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوار به پنهنجن حقن لاءِ پريس ڪلبن آڏو احتجاج ڪري رهيا آهن، پر سنڌ حڪومت کي ڪا پرواهه ناهي. جماعت اسلامي اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت امن امان جي نالي تي روزانو 52 ڪروڙ رپيا خرچ ڪري رهي آهي، پر ان باوجود دادو جي ڪچي واري علائقي ۾ 8 ڄڻا قتل ٿي وڃن ٿا ۽ ڪيترائي ڪلاڪ گذرڻ باوجود واقعي جو ڪيس داخل نٿو ٿئي، جيڪو حڪومتي رِٽ تي وڏو سوال آهي. هنن چيو ته ڪيترن ئي مهينن کان معصوم نياڻي اجالا پروين مبينا طور اغوا ٿيل آهي، پر دادو پوليس اڃا تائين ڪيس بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام آهي. سنڌ جو ڪچو توڙي پڪو علائقو ڌاڙيلن حوالي ٿيل آهي، جنهن سبب امن امان جي خراب صورتحال ڪري ڳوٺ ۽ شهر متاثر ٿي رهيا آهن. جماعت اسلامي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته عالمي ادارن جي رپورٽن موجب سنڌ ۾ لکين ٻار خالي پيٽ سمهن ٿا، ملڪ کي 70 سيڪڙو گئس فراهم ڪندڙ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرين کي پاڻ گئس جي سهولت کان محروم رکيو ويو آهي، جيڪا سنڌ سان ناانصافي آهي. هنن چيو ته جماعت اسلامي گذريل 18 ڏينهن کان عوامي مسئلن خلاف ميدان عمل ۾ آهي، جيڪڏهن 3 سيپٽمبر تائين حڪومت پيٽرول ۽ تيل تي لڳايل ليوي ختم نه ڪئي ۽ بجلي جي ڳرن بلن ۽ لوڊشيڊنگ جو مسئلو حل نه ڪيو ته جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان جي قيادت ۾ ايندڙ مرحلي طور اسلام آباد جو رخ ڪيو ويندو. وجماعت اسلامي اڳواڻن چيو ته سنڌ جو عوام مهانگائي کان تنگ اچي چڪو آهي، تنهن ڪري ڪروڙين سنڌين کي اپيل آهي ته هو جماعت اسلامي جو ساٿ ڏين ته جيئن عوام کي مهانگائي، ڪرپشن ۽ حڪومتي نااهلي مان نجات ڏياري سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 19

متن جو تعين موجوده مارڪيٽ ويليو کي نظر ۾ رکڻ جي بدران 40 سال اڳ جي پراڻي ويليو تي ڪيو پيو وڃي. هيءَ ڳالهه يونين پهرين کان ئي چئي رهي هئي ۽ هاڻي آڊيٽر جنرل جي رپورٽ نجڪاري ڪميشن ۽ گيپڪو جي ملي جلي جو پول کولي اسان جي چيل ڳالهه تي مهر تصديق ثبت ڪري ڇڏي آهي ۽ ثابت ٿي ويو آهي ته نجڪاري جي پويان اهي ماڻهو آهن جيڪي انهن منافع بخش ادارن جي بندر بانٽ ڪري پنهنجن ذاتي مقصدن لاءِ حاصل ڪرڻ گهرن ٿا. انهن خيالن جو اظهار آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين سي بي اي جي مرڪزي صدر عبداللطيف نظاماڻي لاهور کان واپسي ۽ هڪ پيرو وري بلامقابلہ واري اڪثريت سان مرڪزي صدر چونڊجڻ بعد ليبر هال ۾ اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي اجلاس ۾ يونين جو صوبائي جنرل سيڪريٽري اقبال احمد خان، اعظم خان، محمد حنيف خان، گل محمد نظاماڻي، علاوالدين قائمخاني، نور احمد نظاماڻي ۽ شفيع بابو پڻ موجود هئا. اجلاس کي خطاب ڪندي نومنتخب صدر وڌيڪ چيو ته آڊٽ رپورٽ ۾ قيمتن جي نئين سر تعين نه ٿيڻ تي سخت سوال اٿاريا ويا آهن ۽ 2024_25 جي آڊٽ رپورٽ جي مشاهدي نمبر 86 جي روشني ۾ اهو پڻ انڪشاف ٿيو آهي ته بين الاقوامي اڪائونٽنگ جي اصول 16 جي کلي عام خلاف ورزي ڪندي ڪمپني جي اثاثن جي موجوده مارڪيٽ حيثيت مطابق قدر نه لڳايو پيو وڃي، جنهن سان عوام جي ملڪيت جي قومي خزاني کي سخت نقصان پهچڻ جو خطرو آهي. آڊٽ رپورٽ دوران اها ڳالهه پڻ سامهون آئي ته چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر گيپڪو جي مالي سال 2024_25 جي ڪاتن ۾ ٽيسٽ آڊٽ دوران اها ڳالهه سامهون آئي ته ڪمپني جي ڪل اثاثن جي ماليت 238.08 ارب روپيا ظاهر ڪئي وئي آهي، جڏهن ته مالي گوشوارن جي ڇنڊڇاڻ مان معلوم ٿيو ته مالي انتظاميا جي عملي اثاثن کي پراڻي تاريخي لاڳت مان گهٽ (فرسودگي) ۽ نقصانن کي ڪاٽي ڪري درحقيقت درج ڪيو آهي ۽ گيپڪو جي اڳوات نجڪاري جي پيش نظر هن پراڻي طريقي تي مسلسل عملدرآمد سان ڪمپني جي بنيادي ڍانچي ۽ فعال اثاثن جي حقيقي معاشي ماليت ظاهر نٿي ڪئي وئي. آڊٽ اختيارين موجب چونس ته نجڪاري جي عمل ۾ شفافيت، سرمائيڪارن جو اعتماد ۽ منصفانہ قيمت لاءِ اثاثن جو موجوده مارڪيٽ اگهن تي تخمينو لڳائڻ ضروري هوندو آهي. بين الاقوامي اصولن تي عمل نه ڪرڻ سبب جون 2025 تائين گيپڪو جي اثاثن جو موجوده مارڪيٽ قيمت تي ٻيهر تخمينو نه لڳائي سگهيو آهي. هن رپورٽ مان اها ڳالهه ظاهر ٿي وئي ته حڪومت نجڪاري جي نالي تي ادارن جي لُٽ سيل لڳائڻ چاهي ٿي ۽ مفاد عامہ جي انهن قومي ادارن کي پنهنجن پسنديده ماڻهن ۾ ڏيڻ چاهي ٿي، جنهن کي ملڪ ۽ عوام توڙي قومي مفاد سان ڪا به دلچسپي ناهي. تنهن ڪري يونين هن سڄي عمل جي ڀرپور نه رڳو مذمت ڪري ٿي پر پنهنجي وس آهر نجڪاري خلاف جدوجهد کي وڌ کان وڌ تيز جاري رکڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏيندي. ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي صوبائي سيڪريٽري سنڌ اقبال احمد خان سڀ کان پهريان لاهور ۾ قومي جنرل باڊي جي اجلاس ۾ عبداللطيف نظاماڻي صاحب کي هڪ ڀيرو وري بلامقابلہ واري اڪثريت سان صدر چونڊجڻ تي سمورن صوبائي، ريجنل، زونل، ڊويزنل، سب ڊويزنل ۽ سيني ڪارڪنن جي طرفان دلي مبارڪباد پيش ڪندي اُميد ظاهر ڪئي ته نجڪاري جي جن تي اسان پنهنجن مرڪزي قائدين ۽ ڪارڪنن جي اتحاد جي برڪت سان پهرين وانگر قابو پائي ونداسين، ڇاڪاڻ ته نجڪاري ڪندڙ چور آهن ۽ چور جا پير نٿا هجن، اهي هڪڙي ئي طاقتور آواز ٻڌي رفوچڪر ٿي ويندا ۽ اسان جا قائدين نجڪاري جي حوالي سان پنهنجو ايندڙ لائحہ عمل ترتيب ڏئي رهيا آهن، جنهن لاءِ اسان جا ڪارڪن قائدين جي ايندڙ ڪال جو بيچينيءَ سان انتظار ڪري رهيا آهن ۽ جيستائين نجڪاري جي تلوار نہ ٽنڊي اسان آرام سان نہ ويهنداسين

بقايا عوامي سوچ 20

طرفان سنگين شڪايتون سامهون آيون آهن. شهرين موجب ايل ايس ارشاد چنا مبينا طور کين چوندو رهيو آهي ته "جيسڪو جي آفيسرن ۽ عملي کي پئسا ڏيڻا پون ٿا، محنت ۽ ڊيوٽي اسان ڪندا آهيون، تنهنڪري اسان جو به حق آهي." شهرين جو الزام آهي ته اهڙين مبينا ڳالهين جي بنياد تي شهرين کان پئسن جي گهرج ڪئي وڃي ٿي ۽ ڪارروائين جون وڊيوز ٺاهي دٻاءُ وڌو وڃي ٿو. شهرين جيسڪو جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ايل ايس ارشاد چنا جي مبينا بيانن، ڪارروائين ۽ پئسن جي گهرج بابت شفاف جاچ ڪرائي وڃي. شهرين جو وڌيڪ مطالبو آهي ته ايس ڊي او شهباز سب ڊويزن ۽ ايل ايس ارشاد چنا کي فوري طور هٽائي غيرجانبدار آفيسر مقرر ڪيا وڃن ۽ جيڪڏهن الزام ثابت ٿين ته ذميوارن خلاف سخت قانوني ۽ کاتي واري ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 21

کي موت جون ڌمڪيون مليون صحافي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي خانداني عدم تحفظ ايس ايس پي گهوٽڪي کان قانوني تحفظ جو مطالبو صحافي مختيار ڪليري کي موت جون ڌمڪيون ملڻ تي سنڌ سميت پاڪستان جا صحافي پريشان آهن پاڪستان ميڊيا ڪائونسل ڪراچي يونين آف جنرلسٽ سميت مختلف صحافتي تنظيمن معاملي جي سخت مذمت ڪئي ۽ مطالبو ڪيو ته لاڳاپيل اختيارين نوٽيس وٺن ۽ صحافي کي قانوني تحفظ فراهم ڪن. ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي سينئر صحافي مختيار علي ڪليري موجب، منهنجا ڀائر منٺار نالي هڪ شخص سان زراعت جو ڪاروبار ڪندا هئا. منهنجا ڀائر منٺار نالي هڪ شخص کان فصل پوکڻ لاءِ ٻاڻ ٻج، اسپري ۽ ٻيون شيون قرض تي ورتيون هيون، جيڪو مقامي زميندارن جو رواج آهي. پوک جي قدرتي نظام ۾ تبديلين سبب ڀائرن جي فصل کي سخت نقصان پهتو ۽ نقصان جي ڪري قرض واپس نه ڪري سگهيا. تنهن ڪري منٺار نالي هڪ شخص مون سان فون ڪال ذريعي رابطو ڪيو، تنهن ڪري مون ڀائرن کي ٻه لک رپيا نقد موڪليا. باقي رقم 9 جون 2026 تي ادا ڪئي وئي. مان معاملي جي ٻڌڻي لاءِ گهوٽڪي ويس ۽ واجبات ادا ڪيا. مون ايم سي بي خانپور مهر برانچ اڪائونٽ ذريعي 300,000 رپيا موڪليا ۽ جڏهن ته باقي 31,000 رپيا وياج جي رقم مان ڪٽيا ويا ۽ معاملو ڌرين کي پاڪر پائي حل ڪيو ويو. هاڻي، ٻن مهينن کان پوءِ، جاٽايل وياجي 200,000 رپين کان وڌيڪ سود جو مطالبو ڪري رهيو آهي. نه ڏيڻ جي صورت ۾ هو تازو ڪٽيل فصل کي باهه ڏيڻ جي ڌمڪي ڏئي رهيو آهي. هو گهوٽڪي ۾ رهندڙ منهنجي خاندان کي ذاتي ۽ مالي نقصان پهچائڻ جي ڌمڪي ڏئي رهيو آهي. جڏهن ته هو مون ۽ منهنجي ڀائرن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جي ڌمڪي به ڏئي رهيو آهي. صحافي مختيار ڪليري وڌيڪ چيو ته منٺار نالي هڪ شخص جيڪو سود خور آهي. گهوٽڪي ضلعي جي مختلف علائقن جي رهواسين لاءِ خوف جي علامت بڻجي چڪو آهي. رپورٽون آهن ته جاٽايل سود خور بدمعاشن جي هڪ باقاعده ٽيم ناهي آهي جيڪي سود نه ڏيندڙ شهرين جي گهرن مان زبردستي قيمتي شيون، گاڏيون، ٽريڪٽر وغيره قري ويندا آهن ۽ جيڪڏهن فصل تيار ٿئي ٿو ته اهي زبردستي فصل ڪٽيندا آهن. صحافي مختيار ڪليري مون وٽ عدم تحفظ ۽ سخت ذهني پريشاني جو اظهار ڪندي آيو. مون مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ ڊي جي رينجرز، سنڌ ايس ايس پي گهوٽڪي، ايس ايچ او خانپور مهر، ڊي ايس پي ميرپور ماٿيلو فوري طور تي نوٽيس وٺن ۽ معاملي جي شفاف ۽ غير جانبدار جاچ ڪرائين ۽ سود خور خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. مون ۽ منهنجي خاندان کي قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 22

ڪرڻ جو هدايتون جاري ڪري ڇڏيون، جنهن کان پوءِ جيم خانہ انچارج راج ڪمار جي اڳواڻي ۾ ڪرڪيٽ جي پچ ڪل جاري ،اسپورٽ سيڪشن ۽ جم ايڪسرسائيز سيڪشن رهيل ڪمن کي ضلعي انتظاميا پنهنجي نگراني ۾ مرمتي ڪم جي شروعات ڪري ڇڏي. ميمبرن جو چوڻ آهي ته جيم خانہ شهر جي اهم سماجي ۽ تفريحي هنڌن مان هڪ آهي، پر سار سنڀال نه ٿيڻ سبب ان جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي ويئي پر ميڊيا تي خبر هلڻ بعد ٿيل تبديلي هڪ سٺو اثرائتو قدم آهي. ميمبرن شهرين جو چوڻ آهي ته جيم خانہ جا چونڊيل نمائندا ۽ سياسي اڳواڻ پڻ ميمبر آهن، پر ان باوجود انهن جي خاموشي سواليہ نشان آهي انهن ڊپٽي ڪمشنر مٽياري جي اهڙي قدم کي ساراهيندي ٻين ڪلبن جيان وڌيڪ بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ جيم خانہ جي هڪ ڪميٽي جوڙڻ جي اپيل پڻ ڪري ڇڏي.

بقايا عوامي سوچ 23

ي نالي واري وڪيل محمد فياض آرائين ڪئي تفصيل موجب ماتلي ٿاڻي تي سرڪار پاران غيرقانوني هٿيار رکڻ جي ايف آءِ آر ماتلي واسي محمد حسن ولد مير محمد شاهه تي داخل ڪري گرفتار ڪري ڊسٽرڪٽ جيل بدين روانو ڪيو ويو اهڙو اهڙو ڪيس پهرين بدين سيشن ڪورٽ پوءِ اسسٽنٽ سيشن جج ماتلي صفدر جتوئي جي ڪورٽ ۾ هليو جنهن فل ٽرائيل ڪندي ۽ آرگيومنٽس ڪانپوءِ جوابدار کي بري ڪندي ڊسٽرڪٽ جيل مان آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

بقايا عوامي سوچ 24

ل ڪرڻ جو هدايتون جاري ڪري ڇڏيون، جنهن کان پوءِ جيم خانہ انچارج راج ڪمار جي اڳواڻي ۾ ڪرڪيٽ جي پچ ڪل جاري ،اسپورٽ سيڪشن ۽ جم ايڪسرسائيز سيڪشن رهيل ڪمن کي ضلعي انتظاميا پنهنجي نگراني ۾ مرمتي ڪم جي شروعات ڪري ڇڏي. ميمبرن جو چوڻ آهي ته جيم خانہ شهر جي اهم سماجي ۽ تفريحي هنڌن مان هڪ آهي، پر سار سنڀال نه ٿيڻ سبب ان جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي ويئي پر ميڊيا تي خبر هلڻ بعد ٿيل تبديلي هڪ سٺو اثرائتو قدم آهي. ميمبرن شهرين جو چوڻ آهي ته جيم خانہ جا چونڊيل نمائندا ۽ سياسي اڳواڻ پڻ ميمبر آهن، پر ان باوجود انهن جي خاموشي سواليہ نشان آهي انهن ڊپٽي ڪمشنر مٽياري جي اهڙي قدم کي ساراهيندي ٻين ڪلبن جيان وڌيڪ بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ جيم خانہ جي هڪ ڪميٽي جوڙڻ جي اپيل پڻ ڪري ڇڏي.

بقايا عوامي سوچ 25

تياز ڪوري ۽ شڪيل ڪوري مينپوڙي جي مني فيڪٽري هلائي رهيا آهن ان کان سواءِ سفينا پڻ سپلاءِ ڪري رهيا آهن جنهن خلاف اسان مختلف وقتن تي احتجاج پڻ ڪيا پر افسوس جو ڪابہ قانوني ڪاروائي نہ ٿي سگهي انهن وڌيڪ چيو ته منشيات فروشن تي بااثر ماڻهن جو هٿ آهي ان کان سواءِ قلڪارا پوليس کي ٻه لک رپيا هفتو ڏنو وڃي ٿو جنهن ڪري قلڪارا پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي زهريلي منشيات واپرائڻ سبب هتان جا نوجوان، معصوم ٻارڙا توڙي عورتون مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن انهن آءِ جي سنڌ ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين کي اپيل ڪئي آهي ته سنڌس ڳوٺ مان منشيات جو خاتمو آڻي نوجوانن جون زندگيون بچايون وڃن.

بقايا عوامي سوچ 26

قرر استاد جي مبينا مسلسل غيرحاضري خلاف ڳوٺاڻن معصوم ٻارڙن سميت اسڪول آڏو احتجاج ڪيو. ڳوٺاڻن تعليم کاتي کان فوري طور تي اسڪول ۾ ڊيوٽي ڪندڙ استاد مقرر ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن ڏانهينڊي چيو ته 2016 ع کان وٺي اسڪول ۾ مقرر استاد ڊيوٽي تي نٿو اچي، جنهن سبب ڳوٺ جا سوين ٻارڙا تعليم جهڙي بنيادي حق کان محروم آهن. سنڌن چوڻ هو ته مسئلي جي حل لاءِ چونڊيل نمائندن کي بار بار آگاهه ڪرڻ سان گڏ ٽي اي او ۽ ڊي اي او آفيسن جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون، پر اڃا تائين ڪو به حل نه نڪري سگهيو آهي. ڳوٺاڻن موجب اسڪول جي پراڻي عمارت ڊهي وڃڻ کانپوءِ نئين عمارت پڻ تعمير ٿي چڪي آهي، پر استاد جي غيرحاضري سبب عمارت به ٻارڙن لاءِ بي فائدي بڻيل آهي. ڳوٺاڻن الزام لڳايو ته اسڪول ۾ مقرر استاد محمد علي جمالي مبينا طور تعليم کاتي جي آفيسر جو ويجهو مائٽ هجڻ ڪري ڊيوٽي ڪرڻ بدران گهر ويٺي پگهار حاصل ڪري رهيو آهي. ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته ڳوٺ ۾ اڳ ئي بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي، مٿان وري ٻارڙن کان تعليم جي سهولت به کسي وئي آهي. هنن صوبائي وزيرتعليم سيد سردار شاهه ۽ تعليم کاتي جي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي استاد جي غيرحاضري جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ اسڪول ۾ باقاعده ڊيوٽي ڪندڙ استاد مقرر ڪيو وڃي، جيئن معصوم ٻار تعليم حاصل ڪري پنهنجي مستقبل کي بهتر بڻائي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 27

واري واقعي جي انڪوائري رپورٽ جو جائزو، ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي پاران سي سي ٽي وي فوٽيج طلب ۽ سڌارن جي هدايت، قومي اسيمبلي جي قائم ڪميٽي برائي نيشنل هيلٿ سروسز، ريگيوليشنز اينڊ ڪوآرڊينيشن جو اجلاس اڄ پارليامينٽ هائوس اسلام آباد ۾ چيئرمين ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو، جنهن ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) جي نرسري وارڊ ۾ پيش آيل باهه واري افسوسناڪ واقعي ۽ انڪوائري رپورٽ جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس دوران ڪميٽي ميمبرن اسپتال ۾ فائر سيفٽي، عملي جي مقرري، ايمرجنسي تيارين ۽ باهه لڳڻ جي حتمي سبب جي نشاندهي نه ٿيڻ تي سخت تحفظات جو اظهار ڪيو. ڪميٽي چيئرمين ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي چيو ته ذميواري طئي ڪرڻ لاءِ نرسري اندر جي سي سي ٽي وي فوٽيج انتهائي اهم آهي، ڇاڪاڻ ته رڳو ٽي نرسون ٻاهر نظر آيون جڏهن ته واقعي وقت نرسري اندر عملي جي موجودگي بابت وضاحتون اڻپوريون آهن. ڪميٽي بنا ڪنهن حتمي ثبوت جي ڪمپريسر ڦاٽڻ واري بيان تي عدم اطمينان جو اظهار ڪندي ايچ وي اي سي (HVAC) سسٽم جي خرابي، بايو ميڊيڪل معائنن جي اڻهوند، عملي جي کوٽ ۽ فائر ڊرلز نه ٿيڻ تي سخت سوال اٿاريا. ڪميٽي اسلام آباد هيلٿ ڪيئر ريگيوليٽري اٿارٽي (IHRA)جي ڪردار ۽ وزارت پاران ماضيءَ ۾ قائم ڪميٽي جي ذيلي ڪميٽي پاران ڏنل سفارشن تي عمل نه ڪرڻ تي به ڳڻتي جو اظهار ڪيو. ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي چيو ته هي معصوم ٻارن جي جانين جو ضياع هڪ قومي الميو آهي جنهن تي پوائنٽ اسڪورنگ نٿي ٿي سگهي، بلڪ هي پوري ملڪ جي اسپتالن لاءِ هڪ ويڪ اپ ڪال آهي. هن هدايت ڪئي ته ملڪ جي سمورين اسپتالن ۽ خاص طور تي ٻارن جي نرسري وارڊن ۾ فائر سيفٽي سسٽم، ٽيڪنيڪل انسپيڪشن ۽ حفاظتي ايس او پيز تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي. ڪميٽي واقعي جي شفاف جاچ لاءِ سمورا ثبوت ۽ سي سي ٽي وي رڪارڊ طلب ڪندي ذميوارن جو تعين ڪرڻ جو عزم ورجايو.

بقايا عوامي سوچ 28

جي دربار هال ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ضلعي اندر امن امان جي صورتحال، نيشنل ايڪشن پلان تحت جاري قدمن، حساس هنڌن جي نگراني، مشڪوڪ سرگرمين جي روڪٿام ۽ امن امان برقرار رکڻ لاءِ کنيل قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي لاڳاپيل آفيسرن پاران نيشنل ايڪشن پلان جي مختلف نقطن تي عملدرآمد ۽ ضلعي ۾ سيڪيورٽي انتظامن بابت ڊپٽي ڪمشنر کي بريفنگ ڏني وئي.ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي چيو ته امن امان جو قيام ۽ شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ ضلعي انتظاميا جي اولين ترجيح آهي. هن لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته نيشنل ايڪشن پلان ۽ اپيڪس ڪميٽي جي فيصلن تي اثرائتي ۽ بروقت عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر ميونسپل ڪارپوريشن ۽ سمورن ٽائون آفيسرن کي هدايت ڪئي ته پنهنجن علائقن ۾ ڪتا مار مهم، مڇر مار اسپري مهم، گندي پاڻي جي نيڪال ۽ شهرن ۾ صفائي سترائي جي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي. هن چيو ته سمورا آفيسر پنهنجيون ذميواريون ايمانداري ۽ ذميواري سان ادا ڪن ته جيئن شهرين کي ميونسپل سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي. ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي کي هدايت ڪئي ته پبلڪ ٽرانسپورٽ جي گاڏين جي باقاعده چڪاس ڪئي وڃي ۽ مسافرن کان وڌيڪ ڪرايا وصول ڪندڙن خلاف ڪارروائي تيز ڪئي وڃي. هن فوڊ ڪنٽرول اٿارٽي جي آفيسرن کي پڻ هدايت ڪئي ته غير معياري ۽ ناقص خوراڪ جون شيون تيار ۽ وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي وڌيڪ تيز ڪئي وڃي. ڊپٽي ڪمشنر حيسڪو انتظاميا کي هدايت ڪئي ته بجلي چوري ڪندڙن خلاف جاري ڪارروائين کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي. جڏهن ته ٽريفڪ پوليس کي ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ ۽ ان بابت رپورٽ ايندڙ اجلاس ۾ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. هن ضلعي ۾ غيرقانوني تيل ايجنسين خلاف ڪارروائي تيز ڪرڻ لاءِ پڻ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر صدام حسين ميمڻ، ڊپٽي ميئر چوڌري مبشر آرائين، ڊسٽرڪٽ مئنيجر پي پي ايچ آءِ ذاڪرحسين سمون، ڊسٽرڪٽ مئنيجر اوقاف احمد ڪمال، ڪسٽم، لوڪل گورنمينٽ، ميونسپل ڪارپوريشن، پوليس، صحت، تعليم، حيسڪو، سوشل ويلفيئر، سمورن تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن، ٽائون آفيسرن، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ مختلف کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 29

جي مبينا اغوا ۽ اڄ تائين بازياب نه ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو.هن موقعي تي محمد سبحان کهوسو،مسمات حاجنان خاتون،قوت علي کهوسو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته سندن 12 سالن جي نياڻي اقرا صبح جو اسڪول وڃڻ لاءِ گهر مان نڪتي هئي. پر رستي ۾ عبدالڪريم کهوسو، رياض احمد کهوسو ۽ فيصل کهوسو مبينا طور ڪيس زبردستي اغوا ڪري ويا،جنهن ڪانپوءِ اڄ تائين نياڻي جو ڪوبہ پ،جنهن ڪري خاندان سخت خوف ۽ پريشاني ۾ مبتلا آهي،متاثر خاندان الزام لڳايو ته مبينا طور تي پتو نہ ڏيڻ جي معاملي تي سنڌن نياڻي کي اغوا ڪيو ويو آهي،هنن چيو ته واقعي جي اطلاع لاڳاپيل ٿاڻي کي ڏئي اغوا جي رپورٽ بہ داخل ڪرائي وئي آهي،جڏهن ته ايس ايس پي سکر کي بہ درخواست ڏني وئي آهي،پر اڄ تائين نياڻي بازياب نہ ٿي سگهي آهي،هڪ ننڍڙي نياڻي جي گم ٿيڻ جو معاملو انتهائي سنگين آهي،تنهن ڪري پوليس ۽ لاڳاپيل ادارن کي فوري طور مؤثر ڪارروائي ڪندي نياڻي جي ڳولا ۽ بازيابي لاءِ سمورا وسيلا استعمال ڪرڻ گهرجن،هنن مطالبو ڪيو ته مبينا طور ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ خاندان کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي،کهوسو برادري جي مردن ۽ عورتن چيف جسٽس آف پاڪستان،وڏي وزير سنڌ، آءِ جي سنڌ،ڊي آءِ جي سکر رينج ۽ ايس ايس پي سکر سميت اعليٰ اختيارين کان پرزور اپيل ڪئي ته 12 سالن جي اقرا جي مبينا اغوا جو فوري نوٽس ورتو وڃي،نياڻي کي بحفاظت بازياب ڪرايو وڃي ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي،مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن نياڻي جي فوري بازياب نه ٿي ته هو پنهنجي احتجاج جو دائرو وسيع ڪرڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا عوامي سوچ 30

ٽالپر ، جوائنٽ سيڪريٽري منٺار علي منگسي ۽ ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري مير عبدالرزاق ٽالپر چونڊيا ويا ان موقعي تي نئين باڊي جي چونڊيل عهديدارن چيو ته انشاءَ پارٽي جي بهتري لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪنداسين

بقايا عوامي سوچ 31

م فريد چانڊيو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ آهي ته اڳلي ڌر مير چانڊيو ڪاچي جو رهواسي سان زميني تڪرار هلندڙ هيو جنهن جو فيصلو مير ڏاتا خان وٽ رکيل هيو اسان کي خدشو آهي ته اڳلي ڌر اسان جي چوڪري کي ڪٽي غم ڪيو آهي يا قتل ڪيو ويو آهي رئيس نادر چانڊيو اسان جي فيصلي ۾ مداخلت ڪري اڳلي ڌر کي ڪلام پاڪ ڏنو اسان ڌرين کي مطمئن ڪرڻ بجاءِ جبري عمل ڪيو آهي اسان فيصلو نہ مڃيو جنهن جي رد عمل ظاهر ڪندي اسان جو نوجوان ڪنيي ڪٽي گم ڪيو ويو آهي هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي سنڌ، ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان مطالبو ڪيو ته اسان جي نوجوان علي جان چانڊيو کي آزاد ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي نہ ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

غلام الله ۾ 17 ربيع الاول جشنِ عيد ميلادالنبي ﷺ عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو، شاندار ريلي ۽ نعت خواني

جشنِ عيد ميلادالنبي ﷺ جي شان ۾ دربتول امام بارگاهه ڪان هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي

جنهن جي نگراني محمد علي رند، احمد رند، اقبال رند، بابوجان هنگورجو، گلبهار ملاح، مجيد ڪنيار، آصف ملاح، مهراڻ رند ۽ پپو ملاح ڪئي

ريلي ۾ ننڍڙن ٻارن، نوجوانن ۽ بزرگن سميت وڏي انگ ۾ مؤمنن ۽ عقيدتمندن شرڪت ڪئي

غلام الله (رپورٽ: بابوجان هنگورجو) غلام الله شهر ۾ هر سال جيان هن سال به جشنِ عيد ميلادالنبي ﷺ جي آمد جي خوشي ۾ دربتول امام بارگاهه ۾ وڏي جوش، جذبي ۽ عقيدت سان جشن ملهايو ويو. جشنِ عيد ميلادالنبي ﷺ جي شان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

جنگشاهي ڪوهستان 7/4 ۾ پيرسن جو لاش هٿ، وارثن پاران قتل جو شڪ، شفاف جاچ جو مطالبو

ڪوهستان 7/4 واسي پيرسن انور جاڪرو ولد ولي محمد جاڪرو جو لاش درگاهه احمد شاهه بخاري پرسان هٿ آيو

رات دير سان ڪجهه راهگيرن درگاهه احمد شاهه بخاري ويجهو هڪ لاش پيل ڏٺو، رولو ڪتا لاش کي نقصان پهچائي رهيا هئا

راهگيرن فوري طور وارثن ۽ پوليس کي اطلاع ڏنو، اطلاع ملڻ بعد پوليس ۽ وارث واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو

جنگشاهي (رپورٽر ذوالفقار علي) جنگشاهي ڪوهستان 7/4 ۾ پيرسن جو لاش هٿ، وارثن پاران قتل جو شڪ، شفاف جاچ جو مطالبو: ڪوهستان 7/4 واسي پيرسن انور جاڪرو ولد ولي محمد جاڪرو جو لاش درگاهه احمد شاهه بخاري پرسان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

جشن صادقين جو پرنور پروگرام مختلف علماءِ ڪرام جو خطاب

عظيم الشان جلسا مرڪزي مرتضوي امام بارگاهه ۽ يادگارِ ڪربلا امام بارگاهه ۾ منعقد ڪيا ويا

زوار محمد حسين چانڊيو، مولانا مشتاق حسين مري ۽ آصف حسين الحسيني خطاب

(رپورٽ ڪاشف علي رند) جشن صادقين جو پرنور پروگرام مختلف علماءِ ڪرام جو خطاب شيعه علماء ڪونسل پاڪستان نوابشاهه جي طرفان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

دادو جي ڪڇي ۾ خوني تڪرار، 8 انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي ڏک جو اظهار، ڌرين کي صلح ۽ امن جي اپيل

قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي ڪين سخت صدمو پهتو آهي، هنن فائرنگ واري واقعي ۾ مارجي ويلن جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار

ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ هو متاثر خاندانن سان برابر جا شريڪ آهن. پير مظهرالحق، بئريسٽر پير مجيب الحق ۽ پير دانش علي چانڊيو برادري جي ٻنهي ڌرين کي اپيل

تحمل، بردباري ۽ صبر کان ڪم وٺن ۽ وڌيڪ خونريزي کان پاسو ڪندي صلح ۽ امن جو رستو اختيار ڪن

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو جي ڪڇي واري علائقي جي ڳوٺ دانو چانڊيو ۽ شيخ گلاب چانڊيو ۾ چانڊيو برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ شديد فائرنگ جي نتيجي ۾ 8 ڄڻن جي مارجي وڃڻ واري افسوسناڪ واقعي تي پيپلز پارٽي جي C/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

نگرپارڪر ۾ اسٽريٽ چلڊرن گيمز، ڦهريون پيرو مائونٽين ڪلائمبنگ جو اهتمام

جنهن ۾ ٻارن ۽ نوجوانن وڏي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي. ڊپارٽمينٽ جي تاريخ ۾ ڦهريون پيرو مائونٽين ڪلائمبنگ جو مقابلو پڻ ڪرايو ويو

تاريخي گوري مندر وٽ ٻارن لاءِ ٻاٽا، گابري، ونج وٽي، ڪوڏي ڪوڏي ۽ ملاڪڙو سميت مختلف روايتي راندين جا مقابلا ڪرايا ويا

اڳوڻي سيڪريٽري اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز عبدالعليم لاشاري، ڊي جي ڪلچر حبيب الله ميمڻ ۽ ڊائريڪٽر ڪلچر هدايت الله راڄڙ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ سنڌ پاران نگرپارڪر ۾ اسٽريٽ چلڊرن گيمز جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ ٻارن ۽ نوجوانن وڏي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي. ڊپارٽمينٽ جي تاريخ ۾ ڦهريون پيرو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

اسلام ڪوٽ پوليس جي ڪارروائي، منشيات جو مبينا مين ڊيلر گرفتار، 24 ڪان وڏيڪ ڪارٽون پاڪستاني وسڪي هٿ

گرفتار جوابدار جي قبضي مان 24 ڪان وڏيڪ ڪارٽون پاڪستاني وسڪي هٿ ڪئي وئي

گرفتار ٿيل جوابدار جي سڃاڻپ گيمرو ميگهواڙ طور ٿي آهي، جيڪو ساڪري جو رهواسي ٻڌايو وڃي ٿو

ڏانوڏاندل ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ مبينا طور سرعام منشيات جي وڪري جو ڪاروبار جاري آهي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو): اسلام ڪوٽ پوليس منشيات خلاف ڪارروائي ڪندي انيڪرو موڙ وٽان منشيات جي مبينا وڏي ڊيلر کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان 24 ڪان وڏيڪ ڪارٽون/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

سليم سمون جا الزام بي بنياد آهن، شفاف جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي: رضا محمد سمون

ڳوٺ خميسو خان سمون جي رهواسين رضا محمد سمون، منير احمد سمون ۽ محراب علي سمون ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس

سليم سمون پاران سنڌن خلاف لڳايل الزامن کي بي بنياد ۽ حقيقتن جي ابتڙ قرار

ايس ايس پي ٺٽو سميت اعليٰ اختيارين کان معاملي جي صاف ۽ شفاف جاچ ڪرائڻ جو مطالبو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) سليم سمون جا الزام بي بنياد آهن، شفاف جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي: رضا محمد سمون ڳوٺ خميسو خان سمون جي رهواسين رضا محمد سمون، منير احمد سمون ۽ محراب علي سمون ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو ۾/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ڪوهستان ڳوٺ پيئڻ جي پاڻي کان محروم بڻجي ويا

ڪم شروع ٿيڻ بعد صرف چئن ڳوٺن کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ ڪم شروع

پيئڻ جي پاڻي کان محروم ٿيندڙ متاثر ڳوٺاڻن جون دانهون، انصاف جو مطالبو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) يوسي جهمپير جي قديمي ڳوٺ وڏيرو وڪيو جاڪرو ۾ پبلڪ هيلٿ کاتي پاران جوڙايل واٽر سپلاءِ اسڪيم ناڪاره هجڻ ڪري آسپاس جا 29 ڪان مٿي ڪوهستان ڳوٺ پيئڻ جي پاڻي کان محروم بڻجي ويا. ڪم شروع ٿيڻ بعد صرف چئن ڳوٺن کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ ڪم شروع. پيئڻ جي پاڻي کان محروم ٿيندڙ متاثر ڳوٺاڻن جون دانهون. انصاف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

گورنمينٽ هاءِ اسڪول گامڻ خان رند ۾ جشنِ عيد ميلادالنبي ﷺ جي سلسلي ۾ شاندار تقريب

جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن، شاگردياڻين، استادن، معزز ڳوٺاڻن ۽ علائقي جي معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

تقريب دوران اسڪول جي شاگردن ۽ شاگردياڻين بارگاهِ رسالت ﷺ ۾ عقيدت ۽ محبت سان نعتون پيش ڪيون

گامڻ خان رند (رپورٽ ڪاشف علي رند) گورنمينٽ هاءِ اسڪول گامڻ خان رند ۾ جشنِ عيد ميلادالنبي ﷺ جي سلسلي ۾ شاندار تقريب گامڻ خان رند: گورنمينٽ هاءِ اسڪول گامڻ خان رند ۾ جشنِ عيد ميلادالنبي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي سلسلي ۾ هڪ شاندار ۽ روح پرور تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن، شاگردياڻين، استادن، معزز ڳوٺاڻن ۽ علا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

3 سيپٽمبر تي مهانگائي، پيٽروليم ليوي ۽ لوڊشيڊنگ خلاف ملڪ گير شٽر ڊائون هڙتال جو اعلان

سنڌ ۾ 14 ارب رپين جي 9 لک ٻورين ڪڻڪ غائب

امن امان لاءِ روزانو 52 ڪروڙ خرچ باوجود دادو ۾ 8 ڄڻا قتل، ڪيس داخل نه ٿيو: جماعت اسلامي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) جماعت اسلامي سنڌ جي امير حافظ نعيم الرحمان جي سڏ تي 3 سيپٽمبر تي مهانگائي، تيل ۽ پيٽرول تي لڳايل ليوي ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس دادو ۾ عورتن کي هراسان ٿيڻ کان تحفظ بابت آگاهي سيمينار

قانوني طريقيڪار تي عمل ڪرڻ ۽ عورتن لاءِ محفوظ ماحول جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

شرڪت ڪندڙن کي قانوني حقن ۽ شڪايت جي طريقيڪار بابت وڌيڪ آگاهي ڏني

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) صوبائي محتسب سنڌ ۽ اڳوڻي رٽائرڊ جسٽس شاهنواز طارق جي هدايتن تي ملازم عورتن کي ڪم واري هنڌ هراسان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

روهڙي پرسان ويگن ۽ ٽرالر ۾ زوردار ٽڪر، پيرسن عورت ۽ ٻار سميت 6 مسافر زخمي، اسپتال منتقل

رحيم يار خان کان سکر طرف ويندڙ مسافر ويگن اڳيان ويندڙ ٽرالر سان پٺيان ٽڪرائجي وئي

جنهن جي نتيجي ۾ ويگن ۾ سوار مسافر زخمي ٿي پيا

روهڙي (رپورٽر) روهڙي پرسان ويگن ۽ ٽرالر ۾ زوردار ٽڪر، پيرسن عورت ۽ ٻار سميت 6 مسافر زخمي، اسپتال منتقل ڊرائيور جي حالت ڳڻتي جوڳي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ٿرپارڪر ضلعي ۾ 21 سيپٽمبر کان 24 سيپٽمبر 2026 تائين انسداد پوليو مهم شروع

اڳوٽ انتظام مڪمل ڪرڻ جي حوالي سان اڄ ڊسٽرڪٽ پوليو اريڊيڪيشن ڪميٽي جي گڏجاڻي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) ٿرپارڪر ضلعي ۾ 21 سيپٽمبر کان 24 سيپٽمبر 2026 تائين انسداد پوليو مهم شروع ٿي رهي آهي جنهن لاءِ اڳوٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

سنڌ پوليس جي 2024ع واري ڀرتي: بدين جي ميرٽ تي پاس اميدوارن جي ويٽنگ لسٽ پڌري نه ٿيڻ خلاف احتجاج

اسان سنڌ پوليس جي 2024ع واري ڀرتي دوران ٽيسٽ ۽ انٽرويو ڏنا

پر ان باوجود بدين ضلعي جي اميدوارن جي ويٽنگ لسٽ پڌري نه ڪئي پئي وڃي

بدين (رجب راهمون) سنڌ پوليس ۾ 2024ع دوران ٿيل ڀرتي جي ٽيسٽ ۽ انٽرويو ۾ ميرٽ لسٽ تحت پاس ٿيل بدين ضلعي جي اميدوارن جي ويٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

چوهڙجمالي پريس ڪلب جي لاڳيتي ڪوريج ۽ ڪوشش رنگ لاتو

صوبائي وزير جو سخت نوٽيس، ٽٽي ويل پل جي مرمت جو ڪم شروع انجنيئر پهچي جائزو ورتو

صوبائي وزير فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ محمد علي خان ملڪاڻي سخت نوٽيس ورتو

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) چوهڙجمالي پريس ڪلب جي لاڳيتي ڪوريج ۽ ڪوشش رنگ لاتو، صوبائي وزير جو سخت نوٽيس، ٽٽي وي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

”جشن عيد ميلادالنبي“ جي سلسلي ۾ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ٺٽو ۾ محفل ميلاد منعقد

اسد علي ۽ ٻين شاگردن پاران سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي بارگاهه ۾ عقيدت جا گل نڇاور

سيرت نبي صلي الله عليہ وسلم جي موضوع تي تقريرون پڻ ڪيون

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ”جشن عيد ميلادالنبي“ جي سلسلي ۾ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ٺٽو ۾ محفل ميلاد منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ شاگردن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

سنڌ اسيمبلي جي فلور تان سنڌ ورهائڻ جون ڳالهيون بحث نه پر بڪواس آهن: مهرين ڀٽي

اهڙيون ڳالهيون سنڌ جي عوام جي جذبن سان کيڏڻ برابر آهن

سنڌ جي ورهاڱي واري ڪنهن به رٿ کي مڪمل طور رد ڪريون ٿا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) سنڌياڻي تحريڪ قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي اڳواڻ مهرين ڀٽي، عظيم پليجو، شمائلہ ميربحر، مهناز ميمڻ، شبانہ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ايوانِ صحافت ٺٽو جي قيام کي ٻه سال مڪمل، ٻي سالگرهه جي موقعي تي تقريب ۽ ماني جو اهتمام

ايوانِ صحافت ٺٽو جي صدر علي اڪبر دلواڻي پاران سمورن ميمبرن جي مان ۾ ماني جو اهتمام ڪيو ويو

ان موقعي تي ايوانِ صحافت ٺٽو جي ٻي سالگرهه جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ايوانِ صحافت ٺٽو جي قيام کي ٻه سال مڪمل، ٻي سالگرهه جي موقعي تي تقريب ۽ ماني جو اهتمام ايوان صحاف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

گيپڪو جي نجڪاري لاءِ قومي اثاثن جي نجڪاري ڪان اڳ ئي اداري کي اربين روپين جو نقصان پهچائڻ جو عمل جاري

گيپڪو جي موجوده اثاثن جي قيمتن جو تعين موجوده مارڪيٽ ويليو کي نظر ۾ رکڻ جي بدران 40 سال اڳ جي پراڻي ويليو تي ڪيو پيو وڃي

هاڻي آڊيٽر جنرل جي رپورٽ نجڪاري ڪميشن ۽ گيپڪو جي ملي ڀڳت جو پول کولي اسان جي چيل ڳالهه تي مهر تصديق ثبت ڪري ڇڏي

ثابت ٿي ويو آهي ته نجڪاري جي پويان اهي ماڻهو آهن جيڪي انهن منافع بخش ادارن جي بندر بانٽ ڪري پنهنجن ذاتي مقصدن لاءِ حاصل ڪرڻ گهرن ٿا

حيدرآباد (رپورٽر) عوامي مفاد جي قومي اداري، بجليءَ جي تقسيم ڪندڙ ڪمپني گيپڪو جي نجڪاري لاءِ قومي اثاثن جي نجڪاري کان اڳ ئي اداري کي اربين روپين جو نقصان پهچائڻ جو عمل جاري آهي. گيپڪو جي موجوده اثاثن جي قي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

حيدرآباد: گيپڪو جي نجڪاري لاءِ قومي اثاثن جي نجڪاري کان اڳ ئي اداري کي اربين روپين جو نقصان پهچائڻ جو عمل جاري آهي

ڪوٽڙي ۾ حيسڪو عملي جي ناانصافين خلاف شهرين جون دانهون

ڄامشورو (رپورٽر) ڪوٽڙي: سب ڊويزن شهباز ڪوٽڙي ۾ حيسڪو جي مبينا ڪارروائين بابت شهرين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ڪراچي جي صحافي مختيار ڪليري کي ڌمڪيون، صحافين پاران مذمت

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي گهوٽڪي جي بي لگام ورياجي ڪراچي جي صحافي مختيار ڪليري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڊپٽي ڪمشنر مٽياري دانش ڏاڪر پاران ميڊيا جي خبر جو نوٽس وٺڻ بعد مٽياري جيم خانه جي ميمبرن جي شڪايتن جو نوٽس وٺي ڇڏيو

فوري جيم خانه جو رهيل ڪَئي سان گڏ سمورا انتظام ڪم مڪمل ڪرڻ جو هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

اسپورٽ سيڪشن ۽ جم ايڪسرسائيز سيڪشن رهيل ڪمن کي ضلعي انتظاميا پنهنجي نگراني ۾ مرمتي ڪم جي شروعات ڪري ڇڏي

جيم خانه شهر جي اهم سماجي ۽ تفريحي هنڌن مان هڪ آهي

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري دانش ڏاڪر پاران ميڊيا جي خبر جو نوٽس وٺڻ بعد مٽياري جيم خانه جي ميمبرن جي شڪايتن جو نوٽس وٺي ڇڏيو. ۽ فوري جيم خانه جو رهيل ڪَئي سان گڏ سمورا انتظام ڪم مڪمل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب22

غيرقانوني هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ جوابدار بري عدالت پاران جيل مان آزاد ڪرڻ جو حڪم نامو جاري

جوابدار پاران ڪيس جي پيروي نالي واري وڪيل محمد فياض آرائين ڪئي

جوابدار کي بري ڪندي ڊسٽرڪٽ جيل مان آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

مٽيالي (رپورٽر) غيرقانوني هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ جوابدار بري عدالت پاران جيل مان آزاد ڪرڻ جو حڪم نامو جاري جوابدار پاران ڪيس جي پيرو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ڊپٽي ڪمشنر مٽياري دانش ڏاڪر پاران ميڊيا جي خبر جو نوٽس وٺڻ بعد مٽياري جيم خانه جي ميمبرن جي شڪايتن جو نوٽس وٺي ڇڏيو

فوري جيم خانه جو رهيل ڪَئي سان گڏ سمورا انتظام ڪم مڪمل ڪرڻ جو هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

جنهن کان پوءِ جيم خانه انچارج راج ڪمار جي اڳواڻي ۾ ڪرڪيٽ جي ٻيگل جاري

اسپورٽ سيڪشن ۽ جم ايڪسرسائيز سيڪشن رهيل ڪمن کي ضلعي انتظاميا پنهنجي نگراني ۾ مرمتي ڪم جي شروعات ڪري ڇڏي

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري دانش ڏاڪر پاران ميڊيا جي خبر جو نوٽس وٺڻ بعد مٽياري جيم خانه جي ميمبرن جي شڪايتن جو نوٽس وٺي ڇڏيو. ۽ فوري جيم خانه جو رهيل ڪَئي سان گڏ سمورا انتظام ڪم مڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

ڳوٺ ملوڪ جوکيو جي رهواسين جو منشيات خلاف سنڌ پريس ڪلب ماتلي اڳيان احتجاجي مظاهرو

اسان جي ڳوٺ ۾ امتياز ڪوري ۽ شڪيل ڪوري مينپوڙي جي مني فيڪٽري هلائي رهيا آهن

ان کان سواءِ سفينا پڻ سپلاءِ ڪري رهيا آهن جنهن خلاف اسان مختلف وقتن تي احتجاج پڻ ڪيا

منشيات فروشن تي بااثر ماڻهن جو هٿ آهي ان کان سواءِ قلڪارا پوليس کي ٻه لک رپيا هفتو ڏنو وڃي ٿو

ماتلي (رپورٽر) ڳوٺ ملوڪ جوکيو جي رهواسين جو منشيات خلاف سنڌ پريس ڪلب ماتلي اڳيان احتجاجي مظاهرو ميڊيا سان ڳالهائيندي قادر بخش جوکيو، محمد بخش جوکيو، عبدالحفيظ جوکيو ۽ ٻين چيو ته اسان جي ڳوٺ ۾ ام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ماتلي: ڳوٺ ملوڪ جوکيو جي رهواسين جو منشيات خلاف سنڌ پريس ڪلب ماتلي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي

ميروخان پرسان استاد جي مسلسل غيرحاضري خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

ميروخان (رپورٽر) ميروخان پرسان ڳوٺ بلوچ خان مستوئي جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

قومي اسيمبلي جي قائم ڪميٽي پاران پمز واقعي جي انڪوائري رپورٽ جو جائزو

مٺي/ٿرپارڪر/اسلام آباد: (رپورٽر) قومي اسيمبلي جي قائم ڪميٽي پاران پمز نرسري ٻاهر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي جي صدارت هيٺ اجلاس

غيرقانوني سگريٽ، گاڏين، وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪندڙن ۽ غيرقانوني تيل ايجنسين خلاف ڪارروائي تيز ڪرڻ جو فيصلو

مشڪوڪ سرگرمين جي روڪٿام ۽ امن امان برقرار رکڻ لاءِ ڪنيل قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

نيشنل ايڪشن پلان جي مختلف نقطن تي عملدرآمد ۽ ضلعي ۾ سيڪيورٽي انتظامن بابت ڊپٽي ڪمشنر کي بريفنگ ڏني وئي

نوابشاهه (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي جي صدارت هيٺ نيشنل ايڪشن پلان ۽ اپيڪس ڪميٽي جي فيصلن تي عملدرآمد بابت ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جو اجلاس ڊپٽي ڪمشنر آفيس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

نوابشاهه: ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

12 سالن جي اقرا جي مبينا اغوا خلاف کهوسو برادري جو سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج

سنڌن 12 سالن جي نياڻي اقرا صبح جو اسڪول وڃڻ لاءِ گهر مان نڪتي هئي

پررستي ۾ عبدالڪريم کهوسو، رياض احمد کهوسو ۽ فيصل کهوسو مبينا طور ڪيس زبردستي اغوا ڪري ويا

اسان جي ڪنهن سان به ڪا دشمني يا ذاتي جهيڙو ناهي ان جي باوجود اسان جي ننڍڙي نياڻي کي مبينا طور اغوا ڪيو ويو آهي

سکر (رپورٽر) 12 سالن جي اقرا جي مبينا اغوا خلاف کهوسو برادري جو سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج تفصيل موجب سکر جي ڳوٺ حاجي نهال خان کهوسه آباد لاڪا جي رهواسي کهوسو برادري جي مردن ۽ عورتن 12 سالن جي نياڻي اقرا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

سنڌ پيپلز ليبر فيڊريشن پاران چيئرمين سيد ڪمال شاهه جي اڳواڻي ۾ تعلقي ماتلي جي باڊي چونڊي وئي

جنهن ۾ تعلقہ صدر قلندر بخش لغاري، سينئر نائب صدر غلام محمد چانڊيو، نائب صدر مهتاب علي بوزدار، جنرل سيڪريٽري تاج محمد بوزدار چونڊيو ويو

ان موقعي تي نئين باڊي جي چونڊيل عهديدارن چيو ته انشاء پارٽي جي بهتري لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪنداسين

ماتلي (رپورٽر) سنڌ پيپلز ليبر فيڊريشن پاران چيئرمين سيد ڪمال شاهه جي اڳواڻي ۾ تعلقي ماتلي جي باڊي چونڊي وئي جنهن ۾ تعلقہ صدر قلندر بخش لغاري، سينئر نائب صدر غلام محمد چانڊيو، نائب صدر مهتاب علي بوزدار، جنرل سيڪريٽري تاج محمد بوزدار، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري بچل چانڊيو، انفارميشن سيڪريٽري قاسم لنڊ، فنانس سيڪريٽري مير وزير /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

قمبر ۾ ڳوٺاڻن پاران نوجوان جي گمشدگي خلاف احتجاج

خدشو آهي ته مخالف ڌر اسان جي ڇوڪري کي غم ڪيو آهي يا قتل ڪيو ويو آهي

اسان جي نوجوان علي جان چانڊيو کي آزاد ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

قمبر (رپورٽر) ڳوٺ بهار خان چانڊيو جي رهواسين طرفان علي جان چانڊيو جي گمشدگي خلاف نوجوان جي وارثن طرفان شهيد بينظير ڀٽو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو آهي ان موقعي تي والد درمحمد چانڊيو، نظام الدين، غلا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31